## اداريو:

# رمضان المبارڪ

رمضان المبارڪ جو مقدس مهينو صرف هڪ روايتي مهينو ناهي، پر هي ربِ ڪائنات جي طرفان پنهنجي ٻانهن لاءِ هڪ عظيم موقعو آهي تہ هو پنهنجي زندگيءَ جي رخ کي درست ڪن. پر سوچڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ ڇا اسان هن مهيني جي اصل روح کي سمجهي سگهيا آهيون؟

روزو رڳو صبح کان شام تائين کائڻ پيئڻ کان رڪجي وڃڻ جو نالو ناهي. اصل روزو تہ اهو آهي جنهن ۾ اسان جو نفس بہ روزي ۾ هجي. اسان جون اکيون ڪنهن کي غلط نظر سان نہ ڏسن، اسان جا ڪن ڪنهن جي غيبت نہ ٻڌن، اسان جا هٿ ڪنهن جي حق تلفي نہ ڪن ۽ اسان جي زبان مان ڪنهن جي دل ڏکائيندڙ جملو نہ نڪري. اڄوڪي دور ۾، جتي سماجي بي راهہ روي ۽ اخلاقي گهٽتائي عام ٿي وئي آهي، اتي رمضان اسان کي صبر ۽ ضبطِ نفس جو درس ڏئي ٿو.

هن مهيني جو هڪ اهم مقصد "همدردي" آهي. جڏهن اسان اڃ ۽ بک محسوس ڪريون ٿا، تہ اسان کي انهن غريبن ۽ مسڪينن جو احساس ٿئي ٿو جيڪي سڄو سال اهڙي ڪيفيت مان گذرن ٿا. رمضان اسان کي سيکاري ٿو تہ اسان جي دسترخوان تي موجود نعمتن ۾ انهن جو بہ حصو آهي جيڪي اڄ ڪنهن جي مدد جا منتظر آهن. افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ اسان رمضان ۾ عبادات تي تہ زور ڏيون ٿا، پر سماجي سطح تي اسان جو رويو ڪڏهن ان جي ابتڙ هوندو آهي. منافعي خوري، مهانگائي ۽ ذخيرو اندوزي جهڙيون برايون هن مبارڪ مهيني ۾ بہ نظر اچن ٿيون، جيڪي اسان جي سماجي ڏيوالپڻي جو ثبوت آهن.

اچو تہ اڄ اهو عهد ڪريون تہ هن رمضان کي اسان پنهنجي اخلاقي سڌاري جو سال بڻائينداسين. پنهنجي پاڙيسرين، يتيم ٻارن ۽ سفيد پوش ماڻهن جو خاص خيال رکنداسين. جيڪڏهن اسان هن مهيني ۾ هڪ سچو انسان بڻجڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ يقينن هي رمضان اسان جي زندگيءَ جي نجات جو ذريعو بڻجي ويندو.

## رَاشِـدُ التَفـاسِـير

### قرآن مجيد جا تفسيري نڪتا (44)

**از: پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره**

**پيرسائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره قادري سلسلي جو شيخ طريقت هئڻ سان گڏ هڪ رباني عالم دين، مفسر، محدث، مجتهد ۽ فقيه هيو. قرآن مجيد جي مفسر طور ڏسجي ته پاڻ فن تفسير جو زبردست ماهر، علم تفسير جي اصولن ۽ باريڪين جو وڏو ڄاڻو هو. سندن ڪتب خاني ۾ تفسير جا اهم ۽ امهات الڪتب موجود هيا. پاڻ جنهن نموني قرآن مجيد جي آيتن جو تفسير بيان ڪندا هئا، ان جو هڪ الڳ ۽ منفرد انداز هيو، جنهن جا انيڪ ۽ اڻ ڳڻيا آثار سندن تصنيفات، مڪتوبات توڙي ملفوظات ۾ موجود آهن. ان ڪري هي ضروري آهي ته "پيرسائين روضي ڌڻي بطور مُفسر قرآن" جي موضوع تي تحقيق ڪجي ۽ سندن اعليٰ علمي شخصيت ۽ تبحر علمي جي هن اهم رخ کي واضح ڪجي. قرآن مجيد جي عُلوم ۽ تفسيري نُڪتن جي حوالي سان پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره جي علمي ۽ عرفاني فيضان جي سمنڊ مان چونڊ افادات ۽ نڪتا هتي سلسله وار ڏئي رهيا آهيون ۽ انهيءَ سلسلي جو عنوان سندن اسم مبارڪ جي نسبت سان "راشد التفاسير" رکيو ويو آهي.**

أَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اِنْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ سَبْعِيْنَ مَرَّةً فَلَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ (التوبہ:٨٠)

جيڪڏهن انهن (منافقن) لاءِ ستر دفعا بہ بخشش گهرندؤ تہ بہ الله تعاليٰ کين ڪونہ بخشيندو.

حديث شريف ۾ انهيءَ تي هي نقل شاهد آهي تہ اُبي نالي هڪڙو منافق بدڪردار هوندو هو مگر سندس پٽ سچو مؤمن ۽ اصحابي سڳورو هو. جو هميشہ حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جي خدمت مبارڪ ۾ حاضر هوندو هو. ۽ سفر خواهہ حضر ۾ حضور جن ڪان پري نہ ويندو هو. پوءِ پاڻ سندس رعايت ڪري ان جي پيءُ منافق سان تمام گهڻي مهرباني ۽ رعايت رکندا هئا. تان تہ اهو ابي منافق مري ويو تڏهن بہ پاڻ سندس پٽ مؤمن جي

رعايت ڪري ان جي جنازي تي تشريف فرما ٿيا. ۽ سندس پٽ جي عرض ڪرڻ موجب پنهنجو پهراڻ مبارڪ جو پگهر معطر مبارڪ سان آلو ٿيل هو ڪيس عطا فرمايائون ۽ مغفرت جي دعا ڪيائون ته الله جي طرفان آيت سڳوري نازل ٿي:

اِنۡ تَسۡتَغۡفِرۡ لَهُمۡ سَبۡعِيۡنَ مَرَّةً فَلَنۡ يَّغۡفِرَ اللّٰهُ لَهُمۡ (التوبه:٨٠)

ترجمو: جيڪڏهن انهن (منافقن) لاءِ ستر دفعا به بخشش گهرندؤ ته به الله تعاليٰ کين ڪونه بخشيندو.

اي دوست! مرشد ۽ سندس اولاد جي بي ادبي به اهڙي طرح سمجهڻ گهرجي جو توڙي ڪٽي پاڻ معاف فرمائن ته به الله تبارڪ و تعاليٰ جي درگاه مان هرگز معاف نه ٿيندي، بي ادبي بي نصيبيءَ جو وڏو دليل آهي.

"حضرت ڪعب بن عجره رضي الله تعالیٰ عنه بيان ڪري ٿو ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: منبر جي ويجهو اچي وڃو ته اسان حاضر ٿي وياسين. جڏهن پاڻ ﷺ منبر جي پهرين ڏاڪي تي چڙهيا ته فرمايائون: "آمين". جڏهن ٻئي ڏاڪي تي چڙهيا ته فرمايائون: "آمين". ۽ جڏهن ٽئين ڏاڪي تي چڙهيا ته فرمايائون: "آمين". جڏهن پاڻ ﷺ منبر تان هيٺ لٿا ته اسان عرض ڪيو: يا رسول الله! اڄ اسان توهان ڪان اهڙي ڳالهه ٻڌي آهي جيڪا اڳ ڪڏهن نه ٻڌي هئي. پاڻ ﷺ جن فرمايو: جبرائيل (عليه السلام) مون وٽ آيو ۽ چيائين: جيڪو شخص رمضان جو مهينو پائي پر ان جي بخشش نه ٿيءِ اهو بدقسمت ٿي ويو. مون چيو: آمين. جڏهن مان ٻئي ڏاڪي تي چڙهيس ته هن چيو: جنهن جي سامهون توهان جو نالو ورتو ويو ۽ ان درود نه موڪليو اهو به بدقسمت ٿي ويو. مون چيو: آمين. جڏهن مان ٽئين ڏاڪي تي چڙهيس ته هن چيو: جنهن شخص جي زندگيءَ ۾ ان جا ماءُ پيءُ ٻئي يا انهن مان ڪو هڪڙو پوڙهو ٿيو ۽ انهن (جي خدمت ۽ فرمانبرداري) ڪيس جنت ۾ داخل نه ڪرايو (يعني هو خدمت ڪري جنت جو حقدار نه بڻيو)، اهو به بدقسمت ٿي ويو. مون چيو: آمين."

## درس حديث

# رمضان المبارڪ جي فضيلت

عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ رضى الله عنه يَقُوْلُ: قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صلى الله عليه وآله وسلم: إِذَا دَخَلَ شَهْرُ رَمَضَانَ فُتِّحَتْ أَبْوَابُ السَّمَاءِ، وَغُلِّقَتْ أَبْوَابُ جَهَنَّمَ، وَسُلْسِلَتِ الشَّيَاطِيْنُ. مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ.

أخرجه البخاري في الصحيح، كتاب الصوم، باب هل يقال رمضان أو شهر رمضان ومن رأى كله واسعا، 672/2، الرقم: 1800، ومسلم في الصحيح، كتاب الصيام، باب فضل شهر رمضان، 758/2، الرقم: 1079،

**حضرت ابو هريره رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: جڏهن رمضان جو مهينو ايندو آهي تہ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن، جهنم جا دروازا بند ڪيا ويندا آهن ۽ شيطانن کي زنجيرن سان جڪڙيو ويندو آهي.**

## درس ملفوظات شريف

### رمضان المبارڪ جو استقبال

حضرت مرشد ڪريم قدس سرہ جي روش مبارڪ هوندي هئي تہ جڏهن رجب مهينو گذرڻ تي ايندو هو، تڏهن پاڻ جماعت ساڻ ماهہ شعبان جي چنڊ ڏسڻ جي ڪوشش فرمائيندا هئا ڇو تہ اهو مهينو رمضان شريف جي باغ پر بهار ۽ چمن مشڪبارجي کلڻ لاءِ ڄڻ تہ دروازو يا مقدمو آهي، پوءِ جڏهن شعبان المعظم اچي پڄاڻي ڪندو هوتڏهن پاڻ صبا جي هير وانگر نهايت شوق سان هلال رمضان شريف جي مکڙي ٽڙڻ لاءِ انتظار ڪندا هئا ۽ سندس ڏسڻ لاءِ ڪوشش ڪندا هئا، جڏهن مهوشن جي ابروي خمدار مثال رمضان شريف جو هلال آسمان جي ڇهري تي چمڪڻ لڳندو هو، تڏهن پاڻ بہ چوڏهين جي چنڊ وانگرخوشيءَ مان ڪلندڙ ۽ گل گلاب وانگر شگفتہ روءِ ۽ فرحتناڪ ٿيندا هئا ۽ مسجد شريف جي ڇت کي قنديلن، قانوسن ۽ بتين جي روشنائي سان منور ۽ مزين ڪري آسمان کي ريس ڏياري ڇڏيندا هئا ۽ طالبن جي دلين وارن ڏيئن کي فيوضات رباني واري سج مان نور عليٰ نور فرمائيندا هئا ۽ سندن دل جي عقدن ۽ مشڪلن واري مکڙيءَ کي توجهات باطنيءَ جي هنياءُ ٺاريندڙ هير گهلائڻ سان گل گلاب جي مثل شاداب ۽ شگفتہ ڪري ڇڏيندا هئا ۽ رات ڏينهن سالڪن جي ذڪرن ۽ فڪرن وارن گلن مان گلدستن ٺاهڻ سان آسمان جي باغ کي بہ باوجود نازبوين تقديس تحميد جي سندس خوشبوءِ دل کسيندڙ کان شوق ۽ ريس جو ڪنڊو دل ۾ چڀائي ڇڏيندا هئا، انهي روح پرور ۽ روح جي مغز کي معنبر ۽ معطر ڪندڙ زماني ۾ جيڪي طالبن مشتاقن جي سينن واري باغ مان ذوق شوق جون مکڙيون ٽڙنديون هيون، تن سان جهان جي ميدان ۾ڄڻ هڪ تازو ۽ نئون بهارستان کلي ويندو هو ۽ سڪايلن جون اکيون رمضان المبارڪ جي سڀ ڪنهن رات کي ليلة القدر سمجهي نرگس وانگر سڄي رات ٽڙيل ۽ بيدار رهنديون هيون.

# اثباتِ وجودِ خدا: قديم فلسفي کان جديد الحاد تائين

(هڪ جامع عقلي، فلسفيانہ ۽ تقابلي جائزو)

علامہ علي اڪبر راهمون سڪندري

مذهبن جي خدائي تصورات کي ٿورڙي دير لاءِ هڪ پاسي رکون، تہ معلوم ٿئي ٿو تہ انساني سوچ ويچار جي تاريخ ۾ جيڪڏهن ڪو سوال سڀني سوالن کان وڌيڪ بنيادي، مسلسل ۽ فڪري طور تي زنده رهيو آهي تہ اهو "خدا جي وجود" جو سوال آهي. هي سوال رڳو مذهبي جذبي يا روايتي عقيدي سان وابستہ ناهي، پر عقل، فلسفي، مابعدالطبيعي تحقيق ۽ انساني شعور جي گهرين تقاضائن سان سڌو تعلق رکي ٿو.

هر دور ۾ انسان پنهنجي علمي اوسر، سائنسي ڄاڻ ۽ فڪري ماحول موجب هن سوال کي نئين انداز سان اٿاريو آهي. ڪڏهن خدا کي فطري مظهرن ۾ جلوه گر سمجهيو ويو، ڪڏهن عقلي نتيجي طور ثابت ڪيو ويو، ڪڏهن ڪائناتي وجودي ضرورت طور، ۽ جديد دور ۾ خدا جو تصور ڪڏهن انڪار، شڪ يا لاادريت ( Atheism/Agnosticism)جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي.

هن مضمون ۾ ان فڪري سفر جو جامع جائزو پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ قديم يوناني فلسفي، اسلامي فلسفي، الٰهيات ۽ قرآني دليلن جي عقلي مناسبت، عيسائي فڪري روايت، جديد الحادي ۽ شڪي رجحانات ۽ موجوده دور جي برصغيري مناظرن جي جائزي سان گڏ سڀني کي منطقي ترتيب ۽ علمي وقار سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

**١. قديم يوناني فلسفو: ارسطو جو "دليلِ محرڪِ اول"**

يوناني فلسفي ۾ خدا بابت سڀ کان وڌيڪ منظم تصور ارسطو وٽ ملي ٿو. ارسطو ڪائنات کي حرڪت، تبديلي ۽ فعليت جي دائمي نظام طور ڏٺو. هن جي نظر ۾ هر حرڪت ڪنهن محرڪ جي محتاج آهي، ۽ اهو محرڪ پاڻ بہ ڪنهن ٻئي محرڪ کان متاثر ٿي سگهي ٿو.

ارسطو دليل ڏئي ٿو تہ:

- حرڪت هڪ واقعي حقيقت آهي.
- هر حرڪت جو ڪو سبب هوندو آهي.
- سببن جو سلسلو لامتناهي نٿو ٿي سگهي، ڇو تہ لامتناهي سلسلو منطقي طور محال آهي.
- تنهنڪري، سببِ اول طور هڪ اهڙو وجود لازم آهي جيڪو پاڻ غير متحرڪ هجي، پر سڀني حرڪتن جو سرچشمو هجي.

اهو وجود ئي **"محركِ اول"** آهي. اهو ئي ارسطو جو تصورِ خدا آهي، جيڪو جيتوڻيڪ ڪائنات جو خالق نہ، پر "غائي سبب" مڃيو ويو آهي. ارسطو جي خيال موجب اهو انساني معاملن ۾ سڌي مداخلت نٿو ڪري ۽ نہ ئي وحي يا عبادت سان تعلق رکي ٿو. ان ڪري چيو وڃي ٿو تہ ارسطو جي دليل خدا جي وجود کي ثابت ڪرڻ جو دروازو تہ کوليو، پر الٰهيات کي مڪمل صورت نہ ڏئي سگهيو. ارسطو جي هن منطقي ڍانچي مان ئي اڳتي هلي ابن سينا ۽ ٻين متڪلمين جا دليل وجود ۾ آيا.

**٢. اسلامي فلسفو: ابن سينا ۽ "واجب الوجود"**

اسلامي فلسفي ۾ اثباتِ وجودِ خدا جي سڀ کان وڏيڪ منطقي ۽ جامع صورت ابن سينا وٽ ملي ٿي. ان فلسفي کي محض عقلي مشق نہ، پر وجودي حقيقت جي طور تلاش ڪيو.

**(الف) دليلِ امڪان و وجوب:** هن وجود کي ٻن بنيادي قسمن ۾ ورهايو:

١. **ممڪن الوجود:** جن شين جو هجڻ يا نہ هجڻ ٻنهي صورتن ۾ ممڪن هجي (جهڙوڪ انسان، وڻ، ڪائنات وغيره).

٢. **واجب الوجود:** جنهن جو نہ هجڻ محال هجي ۽ جيڪو پنهنجي ذات ۾ وجود رکي ٿو.

ابن سينا موجب، ممڪن الوجود پاڻ کي وجود نٿا ڏئي سگهن. جيڪڏهن سڀ موجودات ممڪن هجن تہ وجود جو سلسلو ڪڏهن بہ شروع نہ ٿئي ها. تنهنڪري عقل لازمي طور هڪ اهڙي هستي کي قبول ڪري

ٿو، جيڪا پاڻ "واجب" هجي ۽ ٻين کي وجود ڏئي: اهو ئي "واجب الوجود" (خدا) آهي. هي اهڙو مضبوط دليل آهي جنهن کي اڄ تائين ڪو بہ فلسفي ٽوڙي نہ سگهيو آهي.

**(ب) دليلِ علت:**

هر حادث شيءِ علت (سبب) جي محتاج آهي. علتن جو لامتناهي سلسلو محال آهي، تنهنڪري هڪ "اول علت" ضروري آهي، جيڪا پاڻ واجب الوجود آهي. ابن سينا موجب خدا ازلي، ابدي، واحد، غير مرڪب، عالم، قادر، مريد ۽ ڪائنات جو خالق آهي.

**٣. اسلامي فلسفين ۽ متڪلمين جا اضافي دليل:**

- **(الف) دليلِ نظم:** ڪائنات ۾ قانونن جي پابندي، رياضياتي هم آهنگي ۽ حياتياتي ترتيب اتفاقي نٿي ٿي سگهي. نظم لازمي طور "ناظم" (نظام هلائيندڙ) ڏانهن رهنمائي ڪري ٿو. هي دليل قرآن مجيد ۾ بہ بار بار ورجايو ويو آهي.
- **(ب) دليلِ حدوث:** اسلامي متڪلمين (اشعري ۽ ماتريدي) دليل ڏين ٿا تہ ڪائنات "حادث" (نو پيدا) آهي. هر حادث وجود پنهنجي ذات ۾ "محدث" (پيدا ڪندڙ) جو محتاج هوندو آهي. اهو محدث خدا آهي.

**٤. قرآن مجيد ۾ عقلي مناسبت سان اثباتِ وجودِ خدا جا دليل:**

قرآن مجيد فلسفي ڪتاب نہ هئڻ باوجود اهڙا عقلي ۽ استدلالي دليل پيش ڪري ٿو، جيڪي جديد فلسفي سان موافقت رکن ٿا:

١. **دليلِ حدوث:** ”اَمۡ خُلِقُوا مِنۡ غَيۡرِ شَىۡءٍ اَمۡ هُمُ الۡخَالِقُوۡنَ“ (الطور:٣٥) (ڇا اهي بغير ڪنهن شيءِ جي پيدا ٿيا؟ يا اهي پاڻ پنهنجا خالق آهن؟). هي خالص منطقي تقسيم آهي تہ شيءِ جو بغير سبب جي پيدا ٿيڻ محال آهي، تنهنڪري ڪو خالق آهي.

٢. **دليلِ امڪان و وجوب:** ”اَللّٰهُ الصَّمَدُ“ (الاخلاص:٢) ۽ ” اَنۡتُمُ الۡفُقَرَآءُ اِلَى اللّٰهِ وَاللّٰهُ هُوَ الۡغَنِىُّ“ (فاطر: ١٥) قرآن هتي موجودات کي "فقير" (ممڪن الوجود) ۽ الله کي "غني/صمد" (واجب الوجود) طور پيش ڪري ٿو.

٣. **دليلِ علت:** "اَللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَىْءٍ" . (الزمر:٦٢) هن مان عقلي نڪتو واضح آهي تہ قرآن علتن جي سلسلي کي نہ لامتناهي مڃي ٿو ، نہ خودڪار پر صاف چوي ٿو : هر شيءِ جي آخري علت الله آهي. هي عين اهو ئي نتيجو آهي جيڪو فلسفي ۾ First Cause ۽ Necessary Being چيو وڃي ٿو.

٤. **دليلِ نظم:** " صُنْعَ اللّٰهِ الَّذِىٓ اَتْقَنَ كُلَّ شَىْءٍ " . (النمل: ٨٨) (هي الله جي صنعت آهي، جنهن هر شيءِ کي مڪمل بڻايو.) إِنَّ فِي خَلْقِ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ لَآيَاتٍ لِأُولِي الْأَلْبَابِ(آل عمران: ١٩٠)

هتي نظم کي "اتقان"، مقصد کي "حڪمت" ۽ قانون کي "تقدير" چيو ويو آهي . هن دليل سان ارسطو جي غائي علت Fine-Tuning Argument سڌي مطابقت رکي ٿي.

اتفاق، شعور، حياتيات، قانون سڀ گڏجي ناظم ڏانهن رهنمائي ڪن ٿا.

٥. **دليلِ فطرت:** " فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِى فَطَرَ النَّاسَ عَلَيْهَا " .(الروم:٣٠) ، وَإِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ فِي الْبَحْرِ ضَلَّ مَن تَدْعُونَ إِلَّا إِيَّاهُ (الاسراء : ٦٧)

خدا جو تصور فطري آهي: انسان مصيبت ۾ خودبخود خدا کي سڏي ٿو، خدا ڏانهن رجوع ڪري ٿو.

٦. **دليلِ وحدت:** "لَوْ كَانَ فِيهِمَا آلِهَةٌ إِلَّا اللّٰهُ لَفَسَدَتَا" . (الانبياءِ: ٢٢) جيڪڏهن آسمان ۽ زمين ۾ الله کان سواءِ ٻيا خدا هجن ها تہ نظام بگڙي وڃي ها)

هي خالص فلسفيانہ دليل آهي: ڪثرت، مطلق اختيار سان نٿي هلي سگهي، بلڪ نظم وحدت جو تقاضو ڪري ٿو نتيجي طور چئبو تہ واجب الوجود هڪ ئي هستي ٿي سگهي. قرآن جو امتياز اهو آهي تہ: عقل کي مطمئن ڪري ٿو، فطرت کي بہ، ۽ وجدان کي بہ. لهذا واجب الوجود قرآن ۾ عقلي ضرورت، فطري سچ ۽ وجودي حقيقت ٽنهي طور ثابت ٿئي ٿو.

بس، نتيجي طور چئي سگهجي ٿو تہ قرآن دليل ڏيئي ٿو، فلسفو ان

دليل کي formalies ڪري ٿو.

**۵. عيسائي الٰهيات: ٿامس اڪويناز Thomas Aquinas**

عيسائي فڪري دنيا ۾ ٿامس اڪويناز خدا جي وجود تي پنج دليل Five (Ways) پيش ڪيا: ١. حرڪت، ٢. علت، ٣. امڪان و وجوب، ۴. ڪمالات، ۵. نظم ۽ غايت. اهي دليل اسلامي فلسفي (خاص ڪري ابن سينا) کان متاثر يا مستعار هئا. اڪويناز عقل کي خدا تائين پهچڻ جو معتبر ذريعو سمجهي ٿو، پر وحي کي اعليٰ حيثيت ڏئي ٿو.

**٦. جديد دور: شڪ، تنقيد ۽ الحاد**

يورپ جي جديد دور ۾ سائنسي ترقيءَ سبب "تجربي" کي واحد معيار قرار ڏنو ويو. مابعدالطبيعي شين تي شڪ ۽ تنقيد هڪ اهم فڪري رخ طور ظاهر ٿيا.

- **هيوم:** سبب ۽ نتيجي (Causality) تي شڪ ڪيو.
- **ڪانٽ:** خدا کي هڪ اخلاقي مفروضو قرار ڏنو.
- **جديد ملحد:** خدا کي غير ضروري تصور ڪن ٿا.

جڏهن تہ سندن اهڙو استدلال شڪ ۽ الحاد جي بنياد تي ڪمزور ۽ بنا دليل جي آهي. منڪرين خدا اڄ ڏينهن تائين اهو چئي ٽاريندا رهيا آهن تہ دليل ڏيڻ اسان جي ذميواري ناهي، پر اهو دليل سندن لنگڙو عذر آهي.

پر الٰهيات جي عالمن جواب ڏنو تہ سائنس جو دائرو صرف "مادي دنيا" تائين محدود آهي، جڏهن تہ خدا هڪ "مابعدالطبيعي" حقيقت آهي. هر حقيقت تجرباتي ناهي هوندي (جهڙوڪ عقل، قانون، اخلاقي قدر).

**٧. جديد برصغيري مناظرو:**

تازو انڊيا ۾ شمائل ندوي ۽ جاويد اختر جي وچ ۾ « خدا جو وجود آهي يا نہ» جي موضوع تي مناظرو ٿي گذريو، جنهن جو اڄڪلھ سوشل ميڊيا تي بہ چرچو آهي، علم وارا خوب ڄاڻن ٿا تہ شمائل ندوي جا اثبات وجود خدا تي دليل يا جاويد اختر جو انڪار خدا تي جذباتي دليل ڪي نوان دليل يا علمي اضافو ناهي، ساڳيا قديم فلسفين ۽ متڪلمين جي ئي دليلن کي ورجايو ويو آهي، جدت ۽ نواڻ آهي تہ محض تشڪيڪ ۽ الحاد

جي هن نئين ميڊيائي عالمي دور ۾ شمائل ندوي جي پيشڪش ۽ دلائل عين مقتضاء حال جي مطابق ۽ موقعي مناسبت سان آهن. ۽ شمائل ندوي جي خوش قسمتي هئي تہ مناظري ۾ سندس مقابل ڏر سائنس ۽ فلسفي کان نرو جاهل هو.

**آخري ڳالهہ:**

هي سڄو بحث واضح ڪري ٿو تہ:

- واجب الوجود جو تصور اڄ بہ منطقي طور ناگزير آهي.
- ديني درسگاهن ۾ فلسفي، علمِ ڪلام ۽ جديد الحادي نظرين جي علمي مطالعي جي سخت ضرورت آهي.
- تاريخ گواهہ آهي تہ الحاد ڪڏهن بہ ڪو جامع متبادل پيش نہ ڪري سگهيو آهي.
- خدا جو سوال اڄ بہ زنده آهي، ڇاڪاڻ تہ انسان پاڻ اڄ بہ هڪ سوال آهي.

**مستفادة من وسائل عصرية**

**و ما توفيقي الا بالله**

## اظهار تعزيت

سنڌ سونهاري جو برڪ عالم دين، ٺٽي جي سرزمين تي بزرگ عالمن جي ميراث سنڀاليندڙ، حضرت علامه مفتي عبدالرحمان ٺٽوي نقشبندي رحمۃ اللہ علیہ به رباني حڪم کي لبيڪ ڪندي، هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. سنڌ جي علمي گلشن ۾ تمام وڏو خال پيدا ٿيو. ان موقعي تي جمعيت علماءِ سڪندريه طرفان، جملي خاندان، شاگردن، محبين ۽ واسطيدارن سان تعزيت جو اظهار ڪجي ٿو. ۽ حضرت مفتي صاحب جي بلند درجات لاءِ دعاڳو آهيون.

# رمضان المبارڪ ۾ روزي جي شرعي، روحاني ۽ سماجي حيثيت

محمد رمضان سڪندري

قرآن حڪيم ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي:
”اي ايمان وارؤ! اوهان تي روزا فرض ڪيا ويا آهن، جيئن اوهان ڪان اڳين تي فرض ڪيا ويا هئا تہ جيئن اوهان پرهيزگار بڻجي وڃو.“ (البقره، ٢: ١٨٣)

هن آيت مان واضح ٿئي ٿو تہ روزو صرف امتِ محمدي ﷺ لاءِ نئون ناهي، پر هي گذريل قومن ۾ بہ هڪ معتبر عبادت طور موجود هو. تاريخ ۽ مذهبي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو تہ قريشِ مڪہ جاهليت جي دور ۾ بہ ١٠ محرم جو روزو رکندا هئا، ڇاڪاڻ تہ ان ڏينهن ڪعبي تي نئون غلاف چاڙهيو ويندو هو. مديني جا يهودي پڻ ان ڏينهن روزو رکندا هئا، ڇو تہ ان ڏينهن الله تعاليٰ بني اسرائيل کي فرعون کان نجات ڏياري هئي.

## روزي جي تاريخي پس منظر ۽ اسلامي امتياز

”انسائيڪلو پيڊيا آف جيوز“ مطابق يهودي ۽ عيسائي روزو اڪثر ڪري گناهن جي ڪفاري، توبهہ يا ماتم جي نشاني طور رکندا هئا. پر اسلام روزي کي صرف هڪ رسم مان ڪڍي هڪ مڪمل روحاني ۽ تربيتي نظام ۾ تبديل ڪيو. مختلف مذهبن ۾ روزي جا مخاطب بہ مختلف هئا؛ مثال طور پارسين ۾ صرف مذهبي پيشوا، هندن ۾ برهمڻ ۽ يونانين ۾ صرف عورتون روزي جون مڪلف هيون. پر اسلام دنيا جي هر خطي جي عاقل، بالغ مسلمان مرد ۽ عورت تي هڪ ئي وقت رمضان جا روزا فرض ڪيا.

## رمضان المبارڪ جو استقبال ۽ فضيلت

حضور نبي اڪرم ﷺ رمضان المبارڪ سان تمام گهڻي محبت فرمائيندا هئا ۽ شعبان جي مهيني کان ئي ان جي تياري شروع ڪندا هئا.

پاڻ ﷺ صحابن کان ٿي پيرا پڇندا هئا: ”ڪير اوهان جو استقبال ڪري رهيو آهي ۽ اوهان ڪنهن جو استقبال ڪري رهيا آهيو؟“ جڏهن حضرت عمر فاروق رضي الله عنه پڇيو تہ ڇا ڪا وحي نازل ٿيڻ واري آهي يا ڪو جنگ جو خطرو آهي؟ تہ پاڻ ﷺ فرمايو: ”نہ، پر الله تعاليٰ رمضان جي پهرين رات ئي تمام اهلِ قبلہ کي بخشي ڇڏيندو آهي.“

**روزي جي اجر ۽ ثواب جا پهلو**

**حديثن جي روشنيءَ ۾ روزي جي فضيلت بي حساب آهي:**

١. **خاص اجر:** الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ هر نيڪي جو اجر ١٠ کان ٧٠٠ ڀيڻو آهي، پر روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ مان ئي ان جي جزا ڏيندس.

٢. **ٻہ خوشيون:** روزيدار لاءِ ٻہ خوشيون آهن: هڪ افطاري وقت ۽ ٻي قيامت جي ڏينهن پنهنجي رب سان ملاقات وقت.

٣. **باب الريان:** جنت جو هڪ خاص دروازو ”ريان“ صرف روزيدارن لاءِ مخصوص آهي. ملا علي قاري فرمائي ٿو تہ ان دروازي مان داخل ٿيندڙن جي پياس هميشہ لاءِ ختم ٿي ويندي.

**روزي جا مقاصد: اطاعت ۽ تزڪيہ نفس**

روزو اسان کي اطاعتِ الاهيءَ جو سبق سيکاري ٿو. هڪ انسان جڏهن حلال شين (کائڻ پيئڻ) کي بہ الله جي حڪم تي ڇڏي ڏئي ٿو، تہ ان جي اندر اها ڳالهہ راسخ ٿي وڃي ٿي تہ اصل شيءِ الله جي فرمانبرداري آهي.

روزو جسم جي زڪوات آهي. پاڻ ﷺ فرمايو: ”هر شيءِ جي زڪوات آهي ۽ جسم جي زڪوات روزو آهي.“ هي هڪ مخفي عبادت آهي جنهن ۾ نمائش جو ڪو بہ دخل ناهي.

**روزي جي حفاظت ڪيئن ڪجي؟**

صرف بکيو ۽ اڃيو رهڻ روزو ناهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو روزو رکي ڪوڙ، غيبت ۽ حرام ڪم نٿو ڇڏي، تہ الله کي ان جي بک جي ڪا ضرورت ناهي. روزي کي ڪامل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ:

- زبان کي ڪوڙ، غيبت ۽ بدڪلامي کان بچائجي.
- اکين کي ناجائز شين جي ڏسڻ کان روڪجي.

- ڪنن کي غيبت ۽ لغو ڳالهين کان پري رکجي.
- افطار وقت ايترو نہ کائجي جو عبادت ۾ سستي ٿئي.
- دل خوف ۽ اميد جي وچ ۾ هجي تہ الائي روزو قبول ٿيو يا نہ.

**عام ۽ خاص ماڻهن جو روزو**

روحاني درجات جي لحاظ کان روزي جا ٻہ قسم آهن:

١. **عام ماڻهن جو روزو:** جيڪي صرف رسمي طور کائڻ پيئڻ ڇڏيندا آهن پر اخلاقي برائين ۾ ملوث رهندا آهن. انهن جي هٿ صرف بک ۽ اڃ ايندي آهي.

٢. **خاص ماڻهن جو روزو:** جيڪي گناهن کان بچي تقويٰ اختيار ڪندا آهن. انهن جو روزو دوزخ جي باهہ کان بچاءُ لاءِ هڪ مضبوط ڍال بڻجي ويندو آهي.

**رمضان المبارڪ ۾ ملندڙ پنج تحفا**

حضرت جابر رضي الله عنه کان مروي آهي تہ امتِ محمدي ﷺ کي رمضان ۾ پنج اهڙيون شيون مليون آهن جيڪي اڳوڻن نبين کي ٻہ نہ مليون هيون:

١. پهرين رات الله جي خاص نظرِ رحمت.

٢. روزيدار جي وات جي بوءِ الله وٽ ڪستوري کان بہ وڌيڪ پياري آهي.

٣. فرشتا سڄو ڏينهن روزيدارن لاءِ بخشش جي دعا ڪندا آهن.

۴. الله تعاليٰ جنت کي حڪم ڏيندو آهي تہ منهنجي بندن لاءِ سينگارجي وڃ.

۵. آخري رات سڀني جي مغفرت ڪئي ويندي آهي (جيئن مزدور کي ڪم پورو ٿيڻ تي مزدوري ملندي آهي).

**شيطان جو جڪڙجي وڃڻ**

رمضان جي پهرين رات ئي سرڪش جنن ۽ شيطانن کي بيڙيون پارايون وينديون آهن. گناهن جي گهٽتائي جو سبب اهو آهي تہ روزي جي ڪري انساني جسم ۾ شهوت ۽ غصي جي قوت مغلوب ٿي وڃي ٿي ۽ نڪي شيطان جا وسوسا اهلِ ايمان تي اثر ڪن ٿا. پر جيڪي ماڻهو پوءِ بہ

گناهه ڪن ٿا، اهو انهن جي نفس جي سرڪشيءَ سبب هوندو آهي.

**روزو ڇڏڻ تي سخت وعيد**

بغير شرعي عذر جي روزو ڇڏڻ وڏو گناهه آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو قصدًا روزو ٽوڙي ٿو، ته ان جو ڪفارو ٦٠ روزا مسلسل رکڻ يا ٦٠ مسڪينن کي ماني کارائڻ آهي. پاڻ ﷺ فرمايو ته جيڪڏهن ڪو هڪ روزو به بغير بيماري يا عذر جي ڇڏي ڏئي، ته سڄي عمر جا روزا به ان جو تلافي نٿا ڪري سگهن.

**رمضان ۽ قرآن جو تعلق**

قرآن ۽ رمضان جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي، ڇو ته قرآن رمضان ۾ ئي نازل ٿيو. پاڻ ﷺ رمضان جي هر رات حضرت جبرائيل عليه السلام سان قرآن جو دور ڪندا هئا. قيامت جي ڏينهن روزو ۽ قرآن ٻئي ٻانهي جي شفاعت ڪندا.

تراويح ۾ قرآن ٻڌڻ سنت آهي، پر اڄڪلهه هڪ رات ۾ "شبينه" جو رواج سنت جي خلاف آهي. پاڻ ﷺ ستن ڏينهن کان گهٽ ۾ قرآن ختم ڪرڻ کان روڪيندا هئا ته جيئن ان جي مطالبن کي سمجهي سگهجي. تلاوت اهڙي هجڻ گهرجي جو ٻڌندڙن کي سمجهه ۾ اچي ۽ لائوڊ اسپيڪر جو استعمال صرف مسجد جي اندر تائين هجي ته بهتر آهي.

**امتِ مسلمه لاءِ پيغام**

رمضان اسان کي همدردي، اخوت ۽ ايثار جو پيغام ڏئي ٿو. اسان کي پنهنجي پاڙيسرين، غريبن ۽ مسڪينن جو خيال رکڻ گهرجي. پاڻ ﷺ فرمايو: ”هڪ جو کاڌو ٻن لاءِ، ۽ ٻن جو کاڌو چئن لاءِ ڪافي آهي.“ افسوس آهي انهن صاحبِ حيثيت ماڻهن تي جيڪي پاڻ ته رنگين دسترخوان تي ويهن ٿا پر ٻاهر بکين مسلمانن جي ضرورت محسوس نٿا ڪن. رمضان رڳو عبادت جو نالو ناهي، پر هي رياڪاري، ڪاوڙ، ڪيني ۽ ڪوڙ جهڙن سماجي مرضن مان پاڻ کي پاڪ ڪري هڪ صالح معاشرو ٺاهڻ جي تربيت آهي.

الله تعاليٰ اسان کي هن مبارڪ مهيني جي برڪتن مان ڀرپور حصو عطا

فرمائي. (آمين)

# روزي جا صحت تي اثر:
## طبي سائنس جي روشني ۾
## حافظ مختيار احمد سڪندري

اسلامي عبادتون قربِ الاهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جو باعث تہ آهن ئي، پر ۵ وقت وضو ڪرڻ، نماز پڙهڻ ۽ روزو رکڻ جا طبي فائدا بہ جديد تحقيقات ۾ ثابت ٿي چڪا آهن.

هڪ نئين آمريڪي تحقيق ۾ ماهرن روزي جي ڪجهہ اهڙن ئي حيران ڪندڙ فائدن جو اعتراف ڪيو آهي.

تحقيق موجب، ڪائڻ جي عادت سڏي طرح انسان جي دماغ تي اثر انداز ٿئي ٿي ۽ هر وقت پرجي پيٽ سان رهڻ دماغ لاءِ نقصانڪار هوندو آهي، جنهن سان انسان فالج، ڏڪٽي (رعشي) ۽ الزائيمر جهڙين بيمارين ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو.

**رمضان المبارڪ ۾ صحتمند رهڻ جو راز، طبي ماهرن جي روشنيءَ ۾**

تحقيق موجب هفتي ۾ ٢ ڏينهن فاقو ڪرڻ سان انهن بيمارين کان آسانيءَ سان بچي سگهجي ٿو (اسان جا پيارا آقا ﷺ عموماً سومر ۽ خميس تي روزو رکندا هئا).

ان کان علاوه روزي سان ٻارن کي مرگهي جي مرض کان بہ نجات حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.

ميڊيڪل سائنس روزو رکڻ جا ڪهڙا فائدا ٻڌائي ٿي، ان تي هڪ نظر وجهون ٿا.

**جسم مان زهريلي مادن جو اخراج**

رمضان دوران روزو رکڻ ۽ عبادتن جي مشق سان انساني جسم کي بہ بي پناهہ فائدا حاصل ٿين ٿا.

روزو رکڻ جي پهرين ئي ڏينهن انساني جسم ۾ زهريلي مادن جي صفائيءَ جو عمل شروع ٿي ويندو آهي، انسان جو شوگر ليول ڪري ٿو يعني رت مان کنڊ جي نقصانڪار اثرن جو دخل گهٽجي ويندو آهي، ساهه جي رفتار (ڌڙڪڻ) سست ٿي ويندي آهي ۽ بلڊ پريشر گهٽجي ويندو آهي.

اصل ۾ انساني جسم ۾ توانائيءَ جو ذخيرو چربيءَ جي ننڍڙن ذرڙن جي شڪل ۾ گڏ ٿيندو رهندو آهي.

روزو رکڻ سان جنهن ڪري انسان سڄو ڏينهن بکيو پياسي رهي ٿو ته جسم ۾ موجود چربي محفوظ ٿيل توانائيءَ کي خارج ڪرڻ شروع ڪري ڏيندي آهي ۽ پهرين مرحلي ۾ گلوڪوز ۾ تبديل ٿي ويندي آهي ۽ اهو ئي گلوڪوز جسم کي توانائي فراهم ڪندو آهي.

**غذا جو ڪم ڏيندڙ جزن جو جذب ٿيڻ**

انسان جڏهن ۱۰ کان ۱۲ ڪلاڪ بکيو رهي ٿو ته سڄو سال مصروف رهندڙ ان جو هاضمي جو نظام آرام ۾ اچي ويندو آهي، جنهن جي ان کي سخت ضرورت هوندي آهي، جنهن سان رت ۾ موجود اڇن ذرڙن جي ڪارڪردگي ۽ جسم جي قوتِ مدافعت ۾ اضافو شروع ٿي ويندو آهي.

فاسد مادا خارج ٿيڻ لڳندا آهن، هاضمي جو نظام پهرين کان بهتر انداز ۾ ڪم ڪرڻ لڳندو آهي ۽ ائين جسم ۾ موجود غذا جو ڪم ڏيندڙ جزن جي جذب ٿيڻ جو عمل شروع ٿي ويندو آهي ۽ اهي جسم کي پهرين جي مقابلي ۾ وڌيڪ توانائي فراهم ڪرڻ لڳندا آهن.

**وزن گهٽجڻ ۽ چربي رجڻ**

جيڪڏهن توهان رمضان المبارڪ دوران کائڻ جي عادت کي معتدل رکو ٿا ۽ ڳري کائڻ جهڙوڪ پراٺا، پڪوڙا يا اهڙي قسم جي ٻين کاڌن کان پاسو ڪريو ٿا ته ڪو شڪ ناهي ته رمضان ۾ توهان تمام آسانيءَ سان پنهنجو وزن گهٽائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهو ٿا.

رمضان ۾ روزو رکڻ سان انساني جسم ۾ موجود اضافي چربيءَ جا ذرڙا پگهرڻ شروع ٿي ويندا آهن ۽ اها ئي چربي رججي جسم کي توانائي

فراهمي جو ذريعو بڻبي آهي.

ائين چربي رجڻ سان وزن به گهٽجي ويندو آهي ۽ جسم کي ڪنهن قسم جي ڪمزوري يا ٿڪاوٽ به محسوس نه ٿيندي آهي.

**ڪوليسٽرول ليول ۾ ڪمي**

رمضان المبارڪ ۾ روزا رکڻ سان هڪ طرف ته وزن گهٽجي ٿو ته ٻئي طرف ڪوليسٽرول ليول ۾ به ڪمي اچي ٿي.

ان سان انسان پاڻ کي پهرين کان توانو ۽ دماغي طور تي چست ۽ هلڪو ڦلڪو محسوس ڪندو آهي، ان جو سبب اهو آهي ته انساني جسم پنهنجي دفاع لاءِ پهرين کان وڌيڪ فعال ۽ مضبوط ٿي چڪو هوندو آهي.

دل جي بيمارين جي ماهرن هڪ مطالعي مان اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته رمضان ۾ روزا رکڻ وارن ماڻهن ۾ چربي ٻڌجڻ جو عمل گهٽجي ويندو آهي، ان جي نتيجي ۾ ڪوليسٽرول جو ليول به هيٺ اچي ويندو آهي ۽ دل جي دوري ۽ دل جي ٻين بيمارين جو خطرو انتهائي گهٽجي ويندو آهي.

**ذهني صلاحيت ۽ ڪارڪردگيءَ ۾ اضافو**

رمضان جي مهيني دوران روزا رکڻ ۽ عبادت ڪرڻ سان هڪ طرف ته روح جي صفائي ٿي رهي هوندي آهي ته ٻئي طرف جسم جي اندر به ڪيتريون ئي مثبت تبديليون اچي رهيون هونديون آهن.

انهن سڀني کان هٽي ڪري دماغ جي ڪارڪردگي ۽ صلاحيت تمام تيزيءَ سان وڌي رهي هوندي آهي.

آمريڪا ۾ ٿيندڙ هڪ تحقيق موجب روزي ۾ انسان بکيو رهي ٿو ته ان دوران ان جو بدن اهڙا خليا پيدا ڪري رهيو هوندو آهي جيڪي خاص طور تي ذهني ڪارڪردگيءَ سان تعلق رکن ٿا، ائين اهي نوان بڻجندڙ خليا سڌو روزي دار جي دماغ ۾ پهچن ٿا ۽ دٻاءُ (تناؤ) ۾ ڪمي آڻي انهن جي ذهني ڪارڪردگيءَ کي ڪيترائي دفعا وڌائي ڇڏين ٿا ۽ روزي دار پاڻ کي دماغي طور تي چست ۽ هلڪو ڦلڪو محسوس ڪندا آهن.

# اعتڪاف

## فقير حبيب الله سڪندري

اسلامي شريعت ۾ عبادتن جا مختلف رنگ ۽ نمونا آهن، پر ”اعتڪاف“ هڪ اهڙي منفرد عبادت آهي، جنهن ۾ ٻانهو پنهنجي خالق سان لوءِ لڳائڻ لاءِ دنيا جي سمورن لڳ لاڳاپن کي ڪجهه وقت لاءِ ترڪ ڪري ڇڏيندو آهي. عربي ٻوليءَ ۾ لفظ ”اعتڪاف“ جي لغوي معنيٰ آهي ”رڪجي وڃڻ“ يا ”ويهي رهڻ“. شريعت جي اصطلاح ۾، رمضان المبارڪ جي آخري ڏهڪي ۾ ڪنهن مرد يا عورت جو مخصوص نيت سان مسجد يا مخصوص جاءِ (معتڪف) ۾ قيام ڪرڻ اعتڪاف چئبو آهي. عالمن جو چوڻ آهي تہ الله تعاليٰ جي درٻار ۾ ادب ۽ احترام سان جهڪي ويهي رهڻ جو نالو ئي اعتڪاف آهي.

**قرآنِ ڪريم جي روشنيءَ ۾ اعتڪاف جي تاريخ:**

اعتڪاف ڪا نئين عبادت ناهي، پر هي قديم دور کان هلي پئي اچي. قرآن مجيد جي سورت البقره (آيت نمبر ١٢٥) ۾ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي: ”۽ اسان ابراهيم (عليہ السلام) ۽ اسماعيل (عليہ السلام) کان عهد ۽ پيمان ورتو تہ هو منهنجي گهر کي طواف ڪرڻ وارن، اعتڪاف ويهڻ وارن ۽ رڪوع و سجود ڪرڻ وارن لاءِ پاڪ صاف رکن.“

هن آيت مان ظاهر ٿئي ٿو تہ بيت الله جي طواف ۽ نماز سان گڏ ”اعتڪاف“ کي بہ قربِ الاهيءَ جو وڏو ذريعو قرار ڏنو ويو آهي. الله تعاليٰ پنهنجي ٻن جليل القدر پيغمبرن کي معتڪفين جي خدمت ۽ انتظام جو حڪم ڏنو، جنهن مان اعتڪاف جي عظمت جو پتو پوي ٿو.

اهڙي طرح سورت البقره جي آيت نمبر ١٨٧ ۾ ”وانتم عاكفون فى المساجد“ جا لفظ آيا آهن، جيڪي اعتڪاف جي مشروعيت ۽ ان جي احڪامن جي وضاحت ڪن ٿا.

**حضور ﷺ جو معمول ۽ سنت**

اعتڪاف جي اهميت جو اندازو ان ڳالھ مان لڳائي سگھجي ٿو تہ اسان جو پيارو نبي حضرت محمد ﷺ هر سال رمضان ۾ اعتڪاف جو خاص اهتمام فرمائيندا هئا. حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها روايت فرمائي ٿي تہ: ”حضور نبي ڪريم ﷺ جن جو وصال مبارڪ تائين اهو معمول رهيو تہ پاڻ سڳورا هر سال رمضان جي آخري ڏهڪي ۾ اعتڪاف فرمائيندا هئا ۽ پاڻ ﷺ جي وصال ڪان پوءِ سندن ازواج مطهرات بہ ان سنت جي پيروي ڪندي اعتڪاف ويهنديون هيون.“ (صحيح بخاري)

**اعتڪاف جون فضيلتون ۽ اجر**

اعتڪاف ويهندڙ پاڻهو الله تعاليٰ وٽ ايترو تہ برگزيده ٿي ويندو آهي، جو رسول الله ﷺ جو فرمان آهي: ”جنهن رمضان جي آخري ڏهڪي ۾ اعتڪاف ڪيو، ان ڪي ٻن حج ۽ ٻن عمرن جي برابر ثواب ملندو.“ (بيهقي)

حقيقت ۾ اعتڪاف ڪندڙ جو مثال ان شخص جهڙو آهي جيڪو احرام ٻڌي الله جي رحمت جي دامن سان وابستہ ٿيڻ لاءِ دنيا جون ضرورتون ڇڏي ڏئي. جڏهن ٻانهو مسجد جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي الله جي در جو فقير بڻجي ويندو آهي، تہ سندس اها عاجزي الله کي تمام گھڻي پسند ايندي آهي. الله تعاليٰ ان تي مهربان ٿي ڪيس جهنم جي باھ ڪان آزادي ۽ جنت جو حقدار بڻائي ڇڏيندو آهي.

حديث ۾ اچي ٿو تہ جيڪو شخص صرف هڪ ڏينهن الله جي رضا لاءِ اعتڪاف ڪري، الله تعاليٰ ان جي ۽ جهنم جي وچ ۾ اهڙيون ٽي خندقون بڻائي ڇڏيندو، جن جو فاصلو آسمان ۽ زمين جي فاصلي ڪان بہ وڌيڪ هوندو. هڪ ٻي روايت موجب اهو فاصلو مشرق ۽ مغرب جي فاصلي ڪان بہ وڌيڪ هوندو. جڏهن هڪ ڏينهن جي اعتڪاف جي اها برڪت آهي، تہ سڄي ڏهڪي جي اعتڪاف تي الله جي عطا جو ڪهڙو عالم هوندو! قرآن ۾ ڪاميابي جو معيار ئي اهو ٻڌايو ويو آهي تہ: ”جيڪو شخص جهنم جي باھ ڪان بچايو ويو ۽ جنت ۾ داخل ڪيو ويو، سو حقيقت ۾ ڪامياب

ٿي ويو.“ (آلِ عمران)

**نيڪين جو تسلسل ۽ گناهن کان تحفظ**

معتڪف تي الله جي مهربانيءَ جو هڪ پاسو اهو به آهي ته اعتڪاف دوران هو نه صرف انهن نيڪين جو ثواب حاصل ڪري ٿو جيڪي هو ڪري رهيو آهي، پر ڪيس انهن نيڪين جو ثواب به ملندو رهي ٿو جيڪي هو اعتڪاف کان ٻاهر هجڻ جي صورت ۾ ڪندو هو. مثال طور جيڪڏهن ڪو شخص مريضن جي تيمارداري يا والدين جي خدمت جو عادي هو پر اعتڪاف سبب نه ڪري سگهيو، ته به الله جي رحمت ڪيس اهو ثواب عطا فرمائيندي. ابن ماجہ جي روايت آهي ته: ”اعتڪاف ڪندڙ گناهن کان محفوظ رهي ٿو ۽ ڪيس اهي سڀ ثواب ملن ٿا جيڪي ٻاهر رهي نيڪي ڪندڙن کي ملندا آهن.“

**ليلة القدر جو حصول**

اعتڪاف جو سڀ کان وڏو فائدو ”ليلة القدر“ کي ڳولڻ ۾ آساني آهي. هيءَ رات هزار مهينن جي عبادت کان بهتر آهي. معتڪف چوويهہ ڪلاڪ عبادت جي حالت ۾ هوندو آهي، تنهن ڪري ڪيس اها رات ملڻ جو امڪان وڌيڪ هوندو آهي. جنهن کي اعتڪاف ۾ اها رات نصيب ٿي وڃي، ان جي نصيب جو ڪهڙو چوڻ! ڪيس حضرت جبرائيل عليہ السلام ۽ ٻين فرشتن جي دعائن ۽ برڪتن مان وافر حصو ملي ٿو.

**اعتڪاف جو اصل مقصد: وصالِ رب جي لذت**

اعتڪاف جو مقصد صرف مسجد ۾ ويهڻ ناهي، پر الله جو قرب حاصل ڪرڻ آهي. ڏهن ڏينهن تائين خاندان، دوستن ۽ ڪاروبار کان ڌار ٿيڻ جو مقصد اهو احساس تازو ڪرڻ آهي ته هڪ مومن لاءِ الله جي معيت (ساٿ) ئي سڀ کان وڏو اعزاز آهي. ٻانهو جڏهن خلوت ۾ پنهنجي خالق سان وابستہ ٿئي ٿو، ته ان جو رشتو ايترو مضبوط ٿي وڃي ٿو، جو زماني جي ڪا به گردش ان کي ڪمزور نٿي ڪري سگهي.

ٻانهو جڏهن الله جو مهمان بڻجي ان جي آستاني تي اچي ٿو، ته هو پنهنجي حيثيت هڪ فقير جهڙي رکي ٿو. جيڪڏهن اسان دنيا جي ڪنهن

امير ماڻهو جا مهمان بڻجون تہ هو اسان جي عزت ڪندو آهي، تہ پوءِ تصور ڪريو تہ ربِ ذوالجلال، جيڪو سڄي ڪائنات جو مالڪ آهي، اهو پنهنجي مهمان جي ڪيتري قدرداني فرمائيندو!

ياد رکڻ گهرجي تہ اعتڪاف تڏهن ئي عظيم عبادت بڻجي سگهي ٿو، جڏهن معتڪف ان جي روح مطابق وقت گذاري. معتڪف کي گهرجي تہ:

پنهنجو گهڻو وقت تلاوتِ قرآن، نفل نمازن ۽ ذڪر ۾ گذاري.
گناهن، فضول ڳالهين ۽ غيبت کان مڪمل پرهيز ڪري.
مسجد جي آداب جو پورو خيال رکي.
الله جي رضا ۽ خلوصِ نيت کي اوليت ڏئي.

الله تعاليٰ اسان سڀني کي رمضان المبارڪ جي برڪتن، روزن جي تقويٰ ۽ اعتڪاف جي روحانيت مان ڀرپور حصو عطا فرمائي. آمين.

سندن عادت مبارڪ هوندي هئي تہ جيڪي فقير ڏهاڪي ۾ ويهندا هئا ۽ پوءِ جڏهن عيد جوچنڊ ڏيکاربو هو، تڏهن ڏهاڪي مان نڪري وري ڏهاڪي واري جاءِ ۾ وڃي رهندا هئا، پوءِ پاڻ انهن مان هر هڪ کان سندن جاءِ تي وڃي دعا طلب ڪندا هئا، بلڪ ڪن فقيرن کي پيرن تي هٿ رکي دعا گهرائيندا هئا ۽ حديث کان نقل فرمائيندا هئا تہ حضرت سرورڪائنات نبي ڪريم ﷺ جن حضرت بلال رضي الله عنه ۽ هڪ پوڙهي عورت کان بہ دعا طلب فرمائي اٿن. حالانڪہ الله تعاليٰ جل جلاله سندن شان ۾ فرمائي ٿو تہ:

”لَوْلَاكَ لَمَا خَلَقْتُ الْاَفْلَاكَ“

يعني: حبيب ﷺ توکي نہ خلقيان ها تہ هوند هي آسمان بہ ڪونہ پيدا ڪيان ها. سچ آهي:

”مصطفیٰ جويد ز مسڪينان دعا“

# غزوه بدر

## سنڌيڪار: حافظ ميان داد سڪندري

وَلَقَدۡ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ بِبَدۡرٍ وَّ اَنۡتُمۡ اَذِلَّةٌ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمۡ تَشۡكُرُوۡنَ

۽ بيشڪ الله بدر ۾ توهان جي مدد ڪئي جڏهن توهان بلڪل بي سرو سامان هئا، تہ الله کان ڊڄو تہ جيئن توهان شڪر گذار بڻجو. (آل عمران: ١٢٣)

غزوهٔ بدر اسلامي تاريخ جو اهو پهريون معرڪو آهي جڏهن حق ۽ باطل، اسلام ۽ اسلام جي دشمنن، مسلمانن ۽ ڪافرن جو پهريون پيرو مقابلو ٿيو. هڪ طرف اسلامي لشڪر بي سروسامانيءَ جي باوجود ڪافرن جي وڏي تعداد جي مقابلي ۾ گهٽ انگ سان ميدانِ جنگ ۾ لٿو، جڏهن تہ ٻئي طرف جنگي سازوسامان ۽ هٿيارن سان لَيس، تڪبر، رعونت ۽ لشڪر جي تعداد تي ڀروسو ڪندي ڪافرن جي صفن مان ڪمزور مسلمانن کي للڪاريو پئي ويو. سڄو جزيره عرب اسلام جي مخالفت ۾ هڪ ٿي اسلام جا نشان مٽائڻ لاءِ جنگ لاءِ تيار هو. ان جنگ ۾ ٽي گنا وڏي فوج جو سامهون حق جي اهڙن علمبردارن سان ٿيو جيڪي ظاهري طور تي تمام ڪمزور هئا، پر ان ڪمزوري ۽ جنگي سامان جي کوٽ جي باوجود ڪين پنهنجي رب جي غيبي امداد تي مڪمل ڀروسو هو. جنگ جي شروعات کان پڇاڙيءَ تائين قريشِ مڪہ کي هن حق ۽ باطل جي معرڪي ۾ اهڙي شڪست جو منهن ڏسڻو پيو جنهن سندن حوصلا پست ڪري ڇڏيا. ڪين وري ڪڏهن اها همت نہ ٿي تہ هو مسلمانن کي للڪاري سگهن، جيتوڻيڪ ميدانِ جنگ جو ڏيک ڏسي اسلام جي فتح جون اميدون تمام گهٽ هيون، پر الله جي تائيد ۽ نصرت سان حق جو جهنڊو بلند ٿيو ۽ ڪفر جو تڪبر خاڪ ۾ ملي ويو. اسلام جي ظهور کان پوءِ دنيا ۾ وڙهي ويندڙ هن پهرين جنگ کي تاريخ نگارن "غزوهٔ بدر"، "معرڪو بدر" ۽ "بدرِ ڪبريٰ" جهڙن نالن سان ياد ڪيو آهي ۽ زمين و

آسمان جي خالق هن ڏينهن کي پنهنجي ڪتاب ۾ "يوم الفرقان" (فيصلي جو ڏينهن) جي نالي سان ذڪر ڪيو آهي. يعني اهو ڏينهن جڏهن حق ۽ باطل جي وچ ۾ فرق واضح ٿي ويو. اسلام جي هڪ دين جي حيثيت ۾ سڄي عرب تي هيبت قائم ٿي وئي، باطل کي پنهنجي تڪبر سميت منهن جي ڪاٺي پئي، ۽ باطل پرستن کي پنهنجي هٺن جي ناهيل بتن جي بيوسيءَ جو يقين ٿي ويو، جڏهن ته اسلام جي سرفروشن کي هڪ خدا جي غيبي امداد تي ڪامل يقين ٿي ويو. الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ ارشاد فرمايو آهي:

وَمَآ اَنۡزَلۡنَا عَلٰى عَبۡدِنَا يَوۡمَ الۡفُرۡقَانِ يَوۡمَ الۡتَقَى الۡجَمۡعٰنِ (الانفال: ۴۱)

۽ ان تي جيڪو اسان پنهنجي ٻانهي تي فيصلي جي ڏينهن لاٿو، جنهن ڏينهن ٻئي فوجون مليو هيون.

**غزوهٔ بدر جا اسباب:**

ڪفارِ مڪ جي ظلمن ۽ سازشن کان تنگ ٿي جڏهن مسلمانن الله جي حڪم سان مديني ڏانهن هجرت ڪئي ۽ اتي باقاعده هڪ رياستِ مدينہ جو قيام عمل ۾ آيو، ته مسلمانن کي الله جا حڪم پورا ڪرڻ لاءِ پرامن ماحول ميسر ٿيو. پر ڪفارِ مڪ مديني ۾ به ايمان وارن کي تنگ ڪرڻ لاءِ مختلف حيلا بهانا ڪندا رهيا ۽ پاڻ نہ تہ پين عرب قبيلن کي اسلام جي خلاف ڀڙڪائيندا هئا. هجرت جي ٻئي سال رسول الله ﷺ جن صحابن جا لشڪر مديني جي آسپاس ڪفار جي پکڙيل سازشن کي ختم ڪرڻ لاءِ موڪلڻ شروع ڪيا ۽ ڪڏهن پاڻ بہ شرڪت فرمائيندا هئا. هجرت جي ٻئي سال جتي مسلمانن کي باقاعده عبادت جي لاءِ حڪم نازل ٿيا، اتي ڪفر سان مقابلي لاءِ غزوات ۽ سرايا جو بہ آغاز ٿيو.

غزوات "غزوه" جو جمع آهي ۽ غزوه ان لشڪر کي چئبو آهي جنهن ۾ رسول الله ﷺ جن پاڻ شرڪت ڪئي هجي، ۽ سرايا "سريہ" جو جمع آهي، جنهن مان مراد اهو لشڪر آهي جنهن کي حضور ﷺ جن دشمن جي مقابلي لاءِ موڪليو هجي پر پاڻ ان ۾ شريڪ نہ ٿيا هجن. (سيرت رسول

عربي، ص ۱۳۲)

غزوهٔ بدر جي اسباب ۾ ٻہ اهم واقعا پيش آيا. غزوهٔ ذوالعشيره کان پوءِ رجب ۾ جڏهن رسول الله ﷺ جن عبدالله بن جحش جي قيادت ۾ ۸ يا ۱۲ ڄڻن جو لشڪر نخله جي مقام تي قريش جي قافلي کي روڪڻ لاءِ موڪليو. اتي صحابن جو قريش سان مقابلو ٿيو جنهن ۾ عمرو بن حضرمي مارجي ويو ۽ ٻہ ڄڻا گرفتار ٿيا. (سيرت رسول عربي، ص ۱۳۲)

علامہ نور بخش توڪلي فرمائي ٿو تہ غزوهٔ بدر سڀ کان وڏو غزوه آهي. ان جو سبب عمرو بن حضرمي جو قتل ۽ قريش جي قافلي جو شام کان اچڻ هو. هن قافلي جو امير ابوسفيان هو. (سيرت رسول عربي، ص ۱۳۴)

## تجارتي قافلي ڏانهن روانگي:

هجرت جي ۱۹ مهينن کان پوءِ ۱۲ رمضان المبارڪ تي رسول الله ﷺ پنهنجي ۳۱۳ جان نثارن سان گڏ روانا ٿيا. ان لشڪر ۾ صرف هڪ گهوڙو ۽ ۸۰ اٺ هئا. حضور ﷺ جن انساني مساوات جو مثال قائم ڪندي هڪ اٺ تي پاڻ سان گڏ حضرت علي ۽ حضرت ابولبابہ کي شريڪ ڪيو. جڏهن صحابن عرض ڪيو تہ توهان سوار ٿيو اسان پيدل هلنداسين، تہ پاڻ فرمايائون: "نہ توهان مون کان وڌيڪ طاقتور آهيو ۽ نہ ئي مان اجر کان بي نياز آهيان."

ٻئي طرف ابوسفيان کي جڏهن مسلمانن جي اچڻ جي خبر پئي تہ هن مڪي ڏانهن نياپو موڪليو. مڪي ۾ خبر پکڙجي وئي تہ مسلمان قافلو لٽڻ لاءِ نڪتا آهن، جنهن تي ڪفار جو هڪ وڏو لشڪر تيار ٿيو. حضور ﷺ جن صحابن کي صورتحال کان آگاهہ ڪيو تہ هاڻي مقابلو قافلي سان نہ پر لشڪر سان بہ ٿي سگهي ٿو.

**ميدانِ بدر ۾ صف بندي:** ڪفار مڪہ جا وڏا سردار وڏي تڪبر ۽ سازوسامان سان بدر جي مقام تي پهتا. ٻئي طرف ۳۱۳ سرفروشن جو لشڪر رسول الله ﷺ جي قيادت ۾ پهتو. ڪفار جنهن جاءِ تي هئا اها

هموار هئي، جڏهن تہ مسلمانن وٽ ريگستاني ۽ ناهوار زمين هئي. پاڻي جي بہ سخت قلت هئي. اهڙي وقت ۾ الله تعاليٰ جي نصرت بارش جي صورت ۾ آئي. ان بارش سان ريگستاني زمين سخت ٿي وئي ۽ هلڻ آسان ٿيو، جڏهن تہ ڪفار جي جاءِ تي گپ ٿي وئي. (سورۂ انفال: ١١)

**بارگاهہ الاهي ۾ دعائون:** جتي ڪفار رقص ۽ سرور ۾ مست هئا، اتي حضور ﷺ پنهنجي خيمي ۾ سجدو ڪري دعا گهري رهيا هئا: "اي الله! جيڪڏهن اڄ هي چند نفوس هلاڪ ٿي ويا تہ قيامت تائين تنهنجي عبادت ڪندڙ ڪو نہ رهندو." حضور ﷺ جي اهڙي عاجزي ڏسي حضرت ابوبڪر صديق عرض ڪيو تہ حضور بس ڪريو، الله پنهنجو وعدو ضرور پورو ڪندو.

**جنگ جو آغاز:** جنگ جو آغاز ڪفار جي طرفان ٿيو. پهرين عامر بن حضرمي نڪتو، جنهن جي مقابلي ۾ حضرت مهجع شهيد ٿيا. ان ڪان پوءِ اسود بن عبدالاسد کي حضرت حمزه رضي الله عنہ قتل ڪيو. باقاعده جنگ ۾ ڪفار جا وڏا سردار جهڙوڪ عتبہ، شيبہ ۽ ابوجهل مارجي ويا. ڪفار جا ٧٠ ماڻهو مارجي ويا ۽ ٧٠ گرفتار ٿيا.

**ملائڪن جو نزول:** الله تعاليٰ پنهنجي نبيءَ جي مدد لاءِ آسمان تان هڪ هزار ملائڪ نازل ڪيا. (سورۂ انفال: ٩). حضرت سهل بن حنيف فرمائي ٿو تہ اسان اڃا تلوار ڪڍندا هئاسين تہ دشمن جو ڪنڌ اڳي ئي ڌار ٿي ڪري پوندو هو.

**جنگ جا نتيجا:** غزوۂ بدر سان اسلام هڪ طاقت بڻجي اڀريو. ڪفار جي دلين ۾ مسلمانن جو رعب ويهي ويو. ڪين پنهنجي بتن جي بيوسيءَ جو يقين ٿيو. مديني جي يهودين ۽ منافقن کي وڏو جهٽڪو لڳو ۽ سندن حسد وڌي ويو. صحابن جا حوصلا بلند ٿيا ۽ اسلامي فتوحات جو سلسلو شروع ٿيو.

حضور ﷺ جن بدري صحابن جي باري ۾ فرمايو تہ: "الله تعاليٰ اهلِ بدر کان واقف آهي ۽ فرمائي ڇڏيو اٿس تہ توهان جيڪو چاهيو ڪريو،

بيشڪ توهان لاءِ جنت واجب ٿي چڪي آهي." (بخاري)

# شب قدر جي فضيلت ۽ برڪت

## مولانا خالد حسين سڪندري

دينِ اسلام ۾ اڪثر عملن جي پويان ڪنهن نہ ڪنهن نيڪ ٻانهي جي ياد موجود ۽ مقصود آهي. جهڙوڪ عرفات جي ميدان ۾ حج جو فريضو حضرت آدم ۽ حوا عليهما السلام جي يادگار آهي. قربانيءَ جو نيڪ عمل حضرت ابراهيم ۽ اسماعيل عليهما السلام جي سنت آهي. صفا ۽ مروه جي سعي، حضرت سيده هاجره رضي الله تعاليٰ عنها جي ٻنهي جبلن جي وچ ۾ ڊوڙڻ جي ياد کي باقي رکي ٿي. اهڙي طرح اسان جي محبوب آقا نبي ڪريم ﷺ رمضان شريف جي مهيني ۾ ڪجھ ڏينهن کائڻ پيئڻ کان پرهيز ڪندا هئا، تہ الله تعاليٰ بہ روزي لاءِ ماهِ رمضان شريف کي پسند فرمائي ورتو ۽ پوري رمضان شريف جا روزا ايمان وارن تي فرض ڪري ڇڏيا تہ جيئن منهنجي حبيب، ڪونين جي طبيب مصطفيٰ جانِ رحمت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي يادگار باقي رهي ۽ منهنجي محبوب مصطفيٰ ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سنت قائم رهي. ۽ جيئن تہ سرورِ ٻنهي عالم صليٰ الله عليہ وسلم جو ارشاد آهي:

**"من أحب سنتي فقد أحبني ومن أحبني كان معي في الجنة"**

ترجمو: جنهن شخص بہ منهنجي سنت کي پسند ڪيو تہ بيشڪ ان مون کي پسند ڪيو ۽ جنهن مون کي پسند ڪيو اهو مون سان گڏ جنت ۾ هوندو (سنن ترمذي).

۽ تمام اهلِ سنت عالمن جو ان ڳالھ تي اتفاق آهي تہ ليلة القدر يا شبِ قدر اسلامي مهيني رمضان جي آخري ڏهائي جي طاق راتين (ايڪيهين، ٽيويهين، پنجيهين، ستاويهين ۽ اٺٽيهين) مان هڪ رات آهي، جنهن جي باري ۾ قرآن ڪريم ۾ سوره قدر جي نالي سان هڪ سورت بہ نازل ٿي

آهي. ان رات ۾ عبادت ڪرڻ جي تمام گهڻي فضيلت ۽ تاڪيد آئي آهي. قرآن مجيد ۾ ان رات جي عبادت کي هزار مهينن کان بهتر قرار ڏنو ويو آهي.

حضرت علامه عبدالعزيز محدث دهلوي رحمت الله تعالىٰ عليه سوره قدر جو شانِ نزول هن طرح بيان فرمايو آهي ته اسان جي حضور نبي رحمت شفيع امت صلي الله تعالىٰ عليه وآله وسلم جڏهن پنهنجي امت ۽ پهرين امتن جي عمرين جو موازنو ڪيو ته معلوم ٿيو ته پهرين امتن جون عمريون گهڻيون ۽ طويل هيون، ۽ منهنجي امت جي عمر تمام مختصر ۽ ننڍي آهي. ته سرڪار صلىٰ الله تعالىٰ عليه وآله وسلم جي قلب مبارڪ ۾ خيال آيو ته پهرين امتن جون عمريون گهڻيون هيون ته انهن جون نيڪيون به گهڻيون هونديون ۽ منهنجي امت جي عمر گهٽ آهي ته نيڪيون به گهٽ هونديون، جڻ ته منهنجي امت جي نيڪي پهرين امتن جي نيڪيءَ جي برابر نٿي ٿي سگهي ڇو ته انهن جون عمريون گهڻيون آهن ته نيڪيون به گهڻيون هونديون. پوءِ امت جي ان خيال ۾ پاڻ صلي الله تعالىٰ عليه وآله وسلم جي چهري مبارڪ جو رنگ بدلجي ويو ۽ چهري انور مان رنج و غم جا آثار ظاهر ٿي پيا. ته الله تعاليٰ جي رحمت کي اها ڳالهه گوارا نه ٿي ته منهنجو پيارو حبيب امت جو طبيب صلىٰ الله تعالىٰ عليه وآله وسلم پنهنجي امت جي غم ۾ رنجيده ۽ ڏکويل رهي، ان ڪري سوره قدر نازل فرمائي. (تفسير عزيزي پارو ٣٠).

قرآن مقدس ۾ ذڪر آهي:

ترجمو: بيشڪ اسان ان کي شبِ قدر ۾ لاٿو ۽ توهان ڇا ڄاڻو ڇا آهي شبِ قدر، شبِ قدر هزار مهينن کان بهتر، ان ۾ فرشتا ۽ جبرائيل لهن ٿا پنهنجي رب جي حڪم سان هر ڪم لاءِ، اها سلامتي آهي صبح جي چمڪڻ تائين. (ڪنزالايمان).

**شبِ قدر ۾ قرآن مجيد جو نزول:**

قرآن مجيد لوحِ محفوظ تان آسمانِ دنيا تي شبِ قدر ۾ نازل ٿيو. هزار مهينن تائين عبادت ڪرڻ جو جيڪو ثواب آهي ان کان وڌيڪ شبِ قدر ۾

عبادت ڪرڻ جو ثواب آهي. الله تعاليٰ جي حڪم سان روح الامين حضرت جبرائيل امين عليہ السلام فرشتن جي جماعت سان گڏ لهن ٿا تہ جيئن شبِ قدر ۾ عبادت ڪرڻ وارن کي فرشتا خير ۽ برڪت سان نوازين ۽ عبادت ڪرڻ وارن ۾انهن تي سلام موڪلين ۽ حضرت جبرائيل عليہ السلام فرشتن جي جماعت سان گڏ شبِ قدر ۾ عبادت ڪرڻ وارن ۾انهن جي حق ۾ دعاءِ خير ڪن ٿا ۽ هي برڪت ۽ رحمت جو سلسلو ان رات شام کان صبح تائين جاري رهي ٿو.

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ اسان جي آقا ڪريم، آفتابِ نبوت، ماهتابِ رسالت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو: جڏهن شبِ قدر هوندي آهي تہ حضرت جبرائيل عليہ السلام فرشتن جي جماعت سان گڏ لهن ٿا ۽ هر ان شخص تي جيڪو بيٺي يا ويٺي الله تعاليٰ جو ذڪر ڪري رهيو هجي ان تي رحمتون موڪلين ٿا، يعني ان شخص لاءِ رحمت جي دعا فرمائين ٿا. (مشڪوة المصابيح، بيهقي - ص: ١٢٧).

**شبِ قدر ۾ تمام گناهہ معاف ٿي وڃن ٿا:**

حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ اسان جي آقا ڪريم ماهِ نبوت آفتابِ رسالت صلي الله تعاليٰ عليہ وسلم فرمايو: جيڪو ۾انهو شبِ قدر ۾ ايمان ۽ اخلاص سان عبادت ڪري تہ ان جا گذريل گناهہ بخشيا وڃن ٿا. (بخاري شريف، ج: ١، ص: ٢٧٠).

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آهي تہ اسان جي پياري رسول صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو: جڏهن شبِ قدر ايندي آهي تہ الله تعاليٰ جي حڪم سان حضرت جبرائيل امين هڪ سائو جهنڊو کڻي فرشتن جي جماعت سان گڏ زمين تي نزول فرمائين ٿا ۽ ان سائي جهنڊي کي ڪعبہ معظمه تي نصب فرمائي ڇڏين ٿا. حضرت جبرائيل عليہ السلام جا سؤ بازو آهن جن مان ٻہ بازو صرف شبِ قدر ۾ کوليندا آهن، اهي بازو مشرق ۽ مغرب ۾ پکڙجي ويندا آهن، پوءِ حضرت جبرائيل عليہ السلام فرشتن کي حڪم ڏيندا آهن تہ جيڪو بہ مسلمان اڄ جي رات قيام ڪري يا نماز پڙهي رهيو هجي يا عبادتِ الاهي ۾ مشغول

هجي، اي فرشتو! ان شخص سان سلام ۽ مصافحو ڪريو ۽ انهن جي دعائن تي آمين چئو، ۽ صبح تائين اهو سلسلو جاري رهي ٿو. صبح ٿيڻ تي حضرت جبرائيل عليہ السلام تمام فرشتن کي واپس هلڻ جو حڪم فرمائين ٿا تہ فرشتا عرض ڪن ٿا: اي اسان جا سردار حضرت جبرائيل! الله تعاليٰ پنهنجي پياري محبوب، محمد مصطفيٰ صلي الله تعالیٰ عليہ وآلہ وسلم جي امت جي معاملن بابت ڇا ڪيو؟ تہ حضرت جبرائيل عليہ السلام جواب ڏين ٿا تہ الله تعاليٰ انهن ماڻهن تي پنهنجي خاص نظرِ ڪرم فرمائي ۽ چئن قسمن جي ماڻهن کان سواءِ تمام ماڻهن کي معاف فرمائي ڇڏيو. حضرات صحابہ ڪرام عليهم الرحمة والرضوان عرض ڪيو: يا رسول الله صلي الله تعالیٰ عليہ وسلم اهي چئن قسمن جا ماڻهو ڪهڙا آهن؟ تہ آقا صلي الله تعالیٰ عليہ وسلم جن ارشاد فرمايو: (هڪ) اهو شخص جيڪو شراب جو عادي آهي (ٻيو) اهو شخص جيڪو ماءُ پيءُ جو نافرمان آهي (ٽيون) اهو شخص جيڪو قطع رحمي ڪرڻ وارو آهي (يعني مٽن مائٽن کان رشتو ٽوڙڻ وارو) (چوٿون) اهو شخص جيڪو پاڻ ۾ بغض ۽ ڪينو رکي ٿو. (الترغيب والترهيب، ڪنز العمال، ج: ٨، ص: ٢٦٨).

امير المومنين حضرت عمر فاروق اعظم رضي الله عنه کان روايت آهي تہ اسان جي پياري رسول صلي الله تعالیٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو: جنهن شخص رمضان شريف جي ستاويهين رات (يعني شبِ قدر) صبح ٿيڻ تائين عبادت ڪئي، اها مون کي رمضان شريف جي تمام راتين کان وڌيڪ پسند آهي.

سيده زاهره، طيبہ طاهره حضرت فاطمہ خاتونِ جنت رضي الله تعاليٰ عنها بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يا رسول الله صلي الله تعالیٰ عليہ وسلم اهي ضعيف ۽ ڪمزور مرد ۽ عورتون ڪيئن عبادت ڪن جيڪي قيام تي قدرت نٿا رکن (يعني بيهي عبادت ڪرڻ جي طاقت نٿا رکن)؟ تہ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو: اهي حضرات وهاڻو لڳائي وٺن يعني ڪنهن شيءِ جو سهارو وٺن جنهن سان عبادت ڪرڻ ۾ آساني ٿي وڃي پر هن مبارڪ رات جا ڪجهہ لمبا ضرور ويهي گذارين ۽ پنهنجي رب تعاليٰ جي

بارگاهہ ۾ دعا گھرن. پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو: پر اها ڳالهہ مان پنهنجي امت جي پوري رمضان ڪي قيام ۾ گذارڻ ڪان وڌيڪ محبوب رڪان ٿو.
(مڪاشفة القلوب)

**شبِ قدر طاق راتين ۾ ڳوليو:**

ام المومنين حضرت عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها ڪان روايت آهي حضور نبي ڪريم ﷺ فرمايو: شبِ قدر ڪي رمضان شريف جي آخري ڏهائي جي طاق راتين يعني ايڪيهين، ٽيهين، پنجيهين، ستاويهين ۽ اڻٽيهين راتين ۾ ڳوليو. (بخاري شريف، ج:١، ص: ٢٧٠).

**شبِ قدر ڪهڙي رات آهي؟**

هن مبارڪ رات جي تعين ۾ اسان جي اسلاف ۽ عالمن جا مختلف قول آهن جيڪي چاليهہ جي قريب آهن. هر سال شبِ قدر رمضان شريف جي آخري ڏهائي ۾ ضرور هوندي آهي، پر تاريخون بدلبيون رهنديون آهن. ۽ اهو بہ عالم سڳورا فرمائين ٿا تہ ان رات ڪي متعين نہ ڪرڻ ۾ اها بہ حڪمت آهي تہ ان جي ڳولا ۾ مسلمان گهٽ ۾ گهٽ پنجن طاق راتين ۾ الله تعاليٰ جي ذڪر ۽ عبادت ۾ وقت گذارين. (تفسير مظهري). حضرت علامہ محمود آلوسي رحمت الله تعاليٰ عليہ لکن ٿا تہ عالمن جي اڪثريت جي راءِ اها آهي تہ طاق راتين مان ستاويهين تاريخ شبِ قدر هوندي آهي.
(روح المعاني)

**اسان جي اسلاف جا قول:**

جيتوڻيڪ بزرگن، مفسرن ۽ محدثن جو شبِ قدر جي تعين بابت تمام گھڻو اختلاف آهي، تڏهن بہ اڪثريت جي راءِ اها ئي آهي تہ هر سال شبِ قدر رمضان شريف جي ستاويهين شب تي ئي ٿيندي آهي. حضرت ابي بن ڪعب رضي الله عنه ، حضرت عبدالله بن عمر رضي الله تعاليٰ عنهما، امامن جا امام حضرت امام اعظم ابو حنيفہ رضي الله عنه ، پيرن جا پير، سيدنا عبدالقادر جيلاني رضي الله عنه ۽ بيشمار بزرگ ۽ عالم فرمائين ٿا تہ شبِ قدر رمضان شريف جي ستاويهين رات ئي ٿيندي آهي. (تفسير عزيزي).

**ستاويهين رات ئي غالباً شبِ قدر آهي:**

حضرت ابي ابن ڪعب رضي الله عنه شبِ قدر بابت حلف ڪٽي (يعني قسم ڪٽي) چيو تہ اها (يعني شبِ قدر) ستاويهين شب آهي. حضرت زين تابعي رضي الله عنه پڇيو تہ ڪهڙي دليل سان توهان چئي رهيا آهيو تہ اها ستاويهين رات شبِ قدر آهي؟ تہ حضرت ابي بن ڪعب رضي الله عنه فرمايو: حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جيڪا ان جي علامت بيان فرمائي آهي، اها ان رات ۾ ملي ٿي. (مشڪوة المصابيح).

**شبِ قدر جو انعام:**

امير المومنين مولاءِ ڪائنات حضرت علي رضي الله عنه فرمائي ٿو: جيڪو شخص شبِ قدر ۾ سوره قدر ست مرتبہ پڙهي ٿو تہ الله تعاليٰ ان شخص کي هر بلا ۽ مصيبت کان محفوظ فرمائي ڇڏي ٿو ۽ ستر هزار فرشتا ان لاءِ جنت جي دعا ڪن ٿا (نزهة المجالس).

**شبِ قدر جي برڪتن کان محروم ماڻهو:**

هڪ روايت ۾ نقل آهي تہ شبِ قدر ۾ جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ جي برڪت ۽ رحمت کان محروم آهن اهي نو قسمن جا آهن: (۱) جيڪي ماڻهو مال جي زڪوة نٿا ڏين (۲) جيڪي ماڻهو ناحق خون ڪن ٿا (۳) مائٽن کان رشتو ٽوڙڻ وارا (۴) قبرستان ۾ وڃي کلڻ وارا (۵) هن جي ڳالهہ هن کي ۽ هن جي ڳالهہ هن کي ڪري وڙهائڻ وارا (٦) ديني استاد کي تڪليف ڏيڻ وارا (۷) نماز ۾ سستي ڪرڻ وارا (۸) ٽن ڏينهن کان وڌيڪ مسلمان ڀاءُ ڏانهن ڪينو رکڻ وارا (۹) بي غسل رهڻ وارا.

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ ڀيرو جڏهن رمضان شريف جو مهينو آيو تہ حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو تہ توهان وٽ هڪ اهڙو مهينو آيو آهي جنهن ۾ هڪ رات (يعني شبِ قدر) اهڙي بہ آهي جيڪا هزار مهينن کان افضل آهي. جيڪو شخص ان رات کان محروم رهيو، ڇڻ تہ تمام ڀلائي کان محروم رهيو، ۽ ان جي (يعني شبِ قدر جي) ڀلائي کان

محروم ناهي رهندو پر اهو شخص جيڪو حقيقت ۾ محروم آهي. (ابن ماجہ شريف ص: ۱۱۹).

### شبِ قدر جي تياري:

الله تعاليٰ جو احسان آهي جو اسان کي اها مقدس عظمت واري رات نصيب فرمائي، جيڪا هزار مهينن کان وڌيڪ افضل آهي، تنهنڪري ان کي غنيمت ڄاڻو ۽ تياري ڪريو. هي رات جاڳڻ ۽ الله تعاليٰ جو ذڪر ۽ پنهنجي پياري نبي صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تي درود و سلام پڙهڻ ۽ ڪلمہ شريف جي ورد جي رات آهي. ۽ خوب تيار رهو تہ اها ئي رات آهي جنهن ۾ فرشتا اسان سان سلام ۽ مصافحو ڪندا، صرف ظاهري صفائي نہ پر پنهنجي دلين کي بہ پاڪ ۽ صاف ڪريون. جيڪڏهن اسان جا ماءُ پيءُ اسان کان ناراض آهن تہ انهن کان معافي گهرون. جيڪڏهن اسان تي ڪنهن جو حق آهي تہ اهو ادا ڪريون، جيڪڏهن سود کائون ٿا تہ ان کان توبہ ڪريون، پنهنجي دلين ۾ مسلمانن جي محبت، الفت ۽ انهن لاءِ ايثار و قرباني جو جذبو پيدا ڪريون، هر قسم جي ڪدورت، نفرت، بغض، حسد ۽ ڪيني جي گندگيءَ کان پنهنجي دل کي پاڪ ڪريون. ياد رکو اڄ جي رات حضرت جبرائيل عليہ السلام فرشتن جي جماعت سان گڏ اسان کي ڏسڻ ۽ اسان سان ملاقات ڪرڻ اچي رهيا آهن. غرض تہ الله تعاليٰ اها رات يعني شبِ قدر اسان کي عطا فرمائي اسان تي وڏو احسان ڪيو. هي رات روئڻ ۽ ٻاڏائڻ جي رات آهي ۽ روئي روئي پنهنجي رب تعاليٰ کي ميڃائي بخشش ۽ نجات حاصل ڪرڻ جي رات آهي. هي رات دعا گهرڻ جي رات آهي. پنهنجي لاءِ گهرو ۽ پنهنجي مؤمن ڀائرن لاءِ خوب دعا ڪريو، هن رات ۾ مؤمن ڀانهي جي ڪا بہ دعا رد نہ ڪئي ويندي آهي.

# حضرت خديجہ رضي الله عنها جي زندگيءَ جو مختصر جائزو | خديجة الكبريٰ جي مثالي زندگي

حافظ محمد مريد سڪندري

**تعارف ۽ سلسلہ نسب**

سندن نالو "خديجہ" هو. پنهنجي بي مثال عفت ۽ پاڪدامني جي ڪري جاهليت واري دور ۾ "طاهره" جي لقب سان مشهور هيون. حضرت خديجہ رضي الله عنها جي والد جو نالو "خويلد" ۽ والده جو مبارڪ نالو "فاطمہ بنت زائده" هو.

نسب جو سلسلو: خديجہ بنت خويلد بن اسعد بن عبد العزي بن قصي.

"قصي" جي مقام تي حضرت خديجہ رضي الله عنها جو سلسلو نسب رسول الله ﷺ جي خاندان سان ملي وڃي ٿو. سندن والد "خويلد" پنهنجي قبيلي ۾ ممتاز حيثيت جا مالڪ ۽ مڪي جي امير ترين ماڻهن ۾ شمار ٿيندا هئا.

**حضرت خديجہ رضي الله عنها جو نڪاح ۽ اولاد**

سندن پهريون نڪاح "ابو هالہ بن زراره تميمي" سان ٿيو. انهن مان ڪين ٻہ پٽ پيدا ٿيا جن مان هڪ جو نالو "هند" ۽ ٻئي جو نالو "حارث" هو. ابو هالہ بن زراره تميمي جو جلد ئي انتقال ٿي ويو.

ان ڪان پوءِ حضرت خديجہ رضي الله عنها "عتيق بن عابد مخزومي" جي نڪاح ۾ آيون. انهن مان هڪ ڇوڪري پيدا ٿي جنهن جو نالو بہ "هند" هو. انهي نسبت سان پاڻ "ام هند" جي نالي سان بہ سڃاتيون وينديون هيون.

ام المؤمنين حضرت خديجہ رضي الله عنها جو پٽ "هند" پهريون اسلام قبول ڪندڙ ماڻهن مان هو. پاڻ اسلام لاءِ وڙهيون ويندڙ جنگين ۾ حصو وٺندا رهيا.

هند، حضرت علي رضي الله عنه سان گڏ جنگِ جمل ۾ شريڪ رهيا ۽ شهيد ٿيا.

**هڪ ڪامياب واپاري عورت:**

حضرت خديجہ رضي الله عنها مڪي ۾ هڪ ڪامياب ۽ امير ترين واپاري هيون. رحم دلي، غريب پروري ۽ سخاوت جو مظهر هيون.
حضرت ابن اسحاق رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ حضرت خديجہ رضي الله عنها جو شمار مڪي مڪرمي جي معزز ترين ۽ مالدار عورتن ۾ ٿيندو هو.
حضرت خديجہ رضي الله عنها پنهنجو تجارتي مال مڪي مڪرم ڪان ٻاهر موڪليندیون هيون. جيترو تجارتي سامان سڀي قافلي وارن جو هوندو هو، ان جي برابر اڪيلي خديجہ رضي الله عنها جو مالِ تجارت هوندو هو.

پاڻ پنهنجي قاصدن کي سامانِ تجارت ڏئي روانو ڪنديون هيون، جيڪي سندن طرفان ڪاروبار ڪندا هئا. ان ڪم لاءِ ڪين باقاعدي اجرت ڏني ويندي هئي يا پگهار مقرر ڪئي ويندي هئي. ڪڏهن ڪو حصو، اڌ، ٽيون يا چوٿون حصو مقرر ڪيو ويندو هو. نفعي جي صورت ۾ هو پنهنجو حصو کڻي وٺندا هئا. ٻي صورت ۾، نقصان جي صورت ۾ سموري ذميداري خديجہ رضي الله عنها تي هوندي هئي.

**رسول الله ﷺ کي سامانِ تجارت کڻي وڃڻ جي درخواست:**

حضرت ابن اسحاق رضي الله عنه روايت ڪري ٿو تہ حضرت خديجہ رضي الله عنها جڏهن رسول الله ﷺ جي سچائي، امانت ۽ ديانت بابت ٻڌو تہ انهن پاڻ ﷺ کي پنهنجو مالِ تجارت شام کڻي وڃڻ جي درخواست ڪئي. طئي ٿيو تہ ٻين واپارين جي ڀيٽ ۾ منافعي مان وڌيڪ حصو رسول الله ﷺ کي ڏنو ويندو. پاڻ ﷺ ، حضرت خديجہ جي اها آڇ قبول ڪري ورتي.

**سامانِ تجارت سان روانگي ۽ شام ۾ پيش ايندڙ حالات:**

رسولِ الله ﷺ حضرت خديجہ رضي الله عنها جو مالِ تجارت کڻي روانا ٿيا. پاڻ رضي الله عنها جو غلام "ميسره" بہ ساڻن گڏ هو.

ٻئي شام پهتا. اتي "نسطور" راهب جي خانقاهہ ويجهو هڪ وڻ جي ڇانوي ۾ آرام جي غرض سان ويٺا. راهب ميسره ڪان پڇيو، "هي جيڪي وڻ هيٺان آرام فرمائي رهيا آهن، هي ڪير شخص آهن؟".

هن جواب ڏنو، "هي قريش جي هاشمي خاندان سان تعلق رکندڙ نهايت صالح، امانتدار، ۽ سچا انسان آهن".

راهب پڇيو، "ڇا هنن جي اکين ۾ لالي (سرخي) آهي؟".

ميسره جواب ۾ چيو، "ها، سرخي آهي جيڪا ڪڏهن بہ هنن کان جدا ناهي ٿيندي".

نسطور چيو، "بيشڪ هي پيغمبر آهن، ۽ آخري نبي آهن".

(طبقات ابن سعد)

رسول ڪريم ﷺ هتي جيڪو مال آندو هو سو وڪرو ڪيو ۽ جيڪو خريد ڪرڻو هو سو خريد ڪيو.

واپسيءَ تي ٻپهرن ۾ سخت گرمي جي وقت، ميسره ڏٺو تہ رسول الله ﷺ اٺ تي سوار ٿيا. پاڻ ﷺ کي اس جي تيزيءَ کان بچائڻ لاءِ ٻہ فرشتا ڇانوَ ڪندڙ هئا. هي سڀ ڪجھ ڏسڻ کان پوءِ هو رسول الله ﷺ جو گرويدو ٿي ويو. ۽ الله تعاليٰ هن جي دل ۾ رسول الله ﷺ لاءِ بي پناھ محبت پيدا ڪري ڇڏي.

هن تجارتي سفر ۾ حضرت خديجہ رضي الله عنها جي سامانِ تجارت معمول کان ٻہ ڳڻو وڏيڪ منافعو حاصل ڪيو.

**رسول الله ﷺ کي نڪاح جو پيغام:**

سفرِ شام تان واپسيءَ کان پوءِ، تجارت مان ٻيڻو وڏيڪ منافعو حاصل ٿيڻ غير معمولي واقعو هو.

ميسره بہ حضرت خديجہ رضي الله عنها سان رسول الله ﷺ جي سچائي ۽ امانتداري جو اظهار ڪيو. هي سڀ ڄاڻي تمام گهڻو متاثر ٿيون. ۽ انهن رسول الله ﷺ سان نڪاح جو فيصلو ڪيو.

حضرت خديجہ رضي الله عنها جي ٻئي مڙس جي وفات کان پوءِ مڪي مڪرم جا ڪيترائي ماڻهو ساڻن سان شادي جا خواهشمند هئا. پر حضرت خديجہ رضي الله عنها ڪنهن جو بہ پيغامِ نڪاح قبول نہ فرمايو هو.

حضرت خديجہ ، رسول الله ﷺ سان نڪاح جي خواهش ظاهر ڪئي. ۽ پنهنجي سهيلي نفيسہ جي ذريعي نڪاح جو پيغام موڪليو.

**رسول الله ﷺ نڪاح جو پيغام قبول ڪري ورتو:**

حضرت خديجه رضي الله عنها جي ان آڇ جو ذڪر رسول الله ﷺ پنهنجي چاچي سان ڪيو. حضرت حمزه رضي الله عنه ، حضرت خديجه سان رشتي جو پيغام ڪٽي سندن والد خويلد ابن اسعد وٽ ويا جنهن ڪي انهن قبول ڪري ورتو.

۽ ائين مڪي مڪرم ۾ هي نڪاح سادگي سان سرانجام ٿيو. نڪاح وقت سيده خديجه چاليهه ورهين جون هيون ۽ رسول الله ﷺ جي عمر مبارڪ پنجويهه ورهيه هئي.

**پهرين وحي ۽ حضرت خديجه جي دلجوئي:**

نبي ڪريم ﷺ جڏهن چاليهن ورهين جا هئا، ته غارِ حرا ۾ حضرت جبرائيل عليہ السلام الله جي طرفان پهرين وحي ڪٽي آيا جيڪا سورت العلق جي ابتدائي چند آيتن تي ٻڌل هئي. عرض ڪيائين:

اقرأ باسم ربك الذى خلق. خلق الإنسان من علق. اقرأ وربك الأكرم. الذى علم بالقلم. علم الإنسان ما لم يعلم.

"پڙهه پنهنجي ان رب جي نالي سان جنهن پيدا ڪيو. جميل رت جي هڪ لوتڙي مان انسان جي تخليق ڪئي. پڙهه ۽ تنهنجو رب وڏو ڪريم آهي. جنهن قلم جي ذريعي علم سيڪاريو، ۽ انسان کي اهو ڪجهه سيڪاريو جيڪو هو نه ڄاڻندو هو".

رسول الله ﷺ جڏهن گهر موٽيا ته پاڻ ﷺ جو قلب مبارڪ نهايت مضطرب هو.

نبي ڪريم ﷺ حضرت خديجه رضي الله عنها سان سمورو احوال بيان فرمايو. پاڻ ﷺ کين چادر اوڍائڻ لاءِ چيو.

ان موقعي تي حضرت خديجه رضي الله عنها هنن لفظن ۾ رسول الله ﷺ جي دلجوئي فرمائي، "توهان ﷺ کي ڪهڙي ڳالهه جو ڊپ ٿي سگهي ٿو. الله تعاليٰ اوهان کي هر هڪ مشقت کان بچائي وٺندو. بيشڪ توهان ﷺ صله رحمي ڪندا آهيو. مائٽن ۽ رشتيدارن سان عمدو سلوڪ

ڪندا آهيو. بيڪسن جي دستگيري فرمائيندا آهيو. مهمان نواز آهيو. ۽ مصيبت زده ماڻهن جي مدد ڪندڙ آهيو". (صحيح بخاري. حديث: ٣)

**رسول الله ﷺ جي حضرت خديجہ مان اولاد:**

رسول الله ﷺ جي سموري اولاد، سواءِ پٽ "ابراهيم" جي، حضرت خديجہ رضي الله عنها مان آهي.

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما مطابق، رسول الله ﷺ جو پهريون فرزند "قاسم رضي الله عنه " آهي جيڪو اعلانِ نبوت کان اڳ مڪي مڪرمي ۾ پيدا ٿيو.

نبي ڪريم ﷺ سندن نالي سان ئي ڪنيت رکندا هئا. يعني "ابوالقاسم". انهن کان پوءِ حضرت زينب رضي الله عنها ، پوءِ حضرت بي بي رقيه رضي الله عنها ، ان کان پوءِ حضرت ام ڪلثوم رضي الله عنها ۽ پوءِ رسول الله ﷺ جي ننڍي شهزادي، خاتونِ جنت حضرت سيده فاطمة الزهرا رضي الله عنها پيدا ٿيون.

اعلانِ نبوت کان پوءِ، هڪ ٻيو فرزند "عبدالله" پيدا ٿيو جنهن جو لقب "طيب" ۽ "طاهر" هو. (طبقات ابن سعد، تاريخ طبري، البدايه والنهايه)

عبدالله بہ ننڍي وهي ۾ انتقال فرمائي ويو. رسول الله ﷺ سندن وفات تي نهايت غمگين هئا. ان ڪري جو پاڻ ﷺ جا دشمن اهو چوڻ لڳا تہ پاڻ ﷺ جي نسل باقي نہ رهندي.

الله تعالیٰ رسول الله ﷺ تي سورت الڪوثر نازل فرمائي. هن سورت ۾ رسول الله ﷺ کي "خيرِ ڪثير" جي بشارت ڏني وئي. وڌيڪ هي تہ پاڻ ﷺ جو دشمن ئي بي نام و نشان رهندو. ان جي ئي نسل ختم ٿيڻ واري آهي.

**حضرت خديجہ پهرين مسلمان خاتون:**

حضرت سيده خديجہ رضي الله عنها اها پهرين عظيم خاتون آهي جنهن رسول الله ﷺ جي تصديق ڪئي. ۽ پنهنجو سمورو مال الله جي رضا خاطر اسلام لاءِ خرچ ڪيو.

**حضرت عائشہ جو حضرت خديجہ بابت بيان:**

حضرت سيده عائشہ رضي الله عنها ، حضرت خديجہ رضي الله عنها بابت بيان ڪري ٿي، "مون رسول الله ﷺ جي ازواج مطهرات مان ڪنهن تي بہ ايترو رِشڪ نہ ڪيو جيترو خديجہ رضي الله عنها تي ڪيو. حالانڪ مون انهن کي نہ ڏٺو هو.

نبي ڪريم ﷺ انهن جو تمام گهڻو ذڪرِ خير فرمائيندا هئا. جڏهن جانور ذبح فرمائيندا، تہ ان کي خديجہ رضي الله عنها جي سهيلين ڏانهن موڪليندا هئا.

ڪڏهن ڪڏهن مان رسول الله ﷺ سان عرض ڪندي هئس تہ چڻ خديجہ رضي الله عنها ڪانسواءِ دنيا ۾ ڪا عورت ئي نہ هئي. تہ رسول الله ﷺ فرمائيندا هئا، "هو اهڙي هئي، هو اهڙي هئي ۽ انهن مان منهنجي اولاد ٿي". (صحيح بخاري حديث: ۳۸۱۸)

شعب ابي طالب ۾ ٽن سالن تائين محصوري دوران جڏهن مسلمانن تي زندگي تنگ رهي، حضرت خديجہ رضي الله عنها ثابت قدمي سان انهن تڪليفن کي برداشت ڪيو.

**حضرت خديجہ جي وفات ۽ تدفين**

نبوت جي ڏهين سال، حضرت ابوطالب جي وفات کان هڪ مهينو پوءِ، ڏهہ رمضان المبارڪ تي حضرت خديجہ رضي الله عنها وصال فرمائي ويون.

رسول الله ﷺ جا ٻئي غمگسار هن فاني دنيا مان رخصت ٿي ويا. هي نهايت ڪٺن وقت هو. پاڻ ﷺ انهن صدمي جو حد کان وڌيڪ اثر ورتو. ۽ ان سال کي "عام الحزن" يعني "غم جو سال" قرار ڏنو ويو.

انتقال وقت حضرت خديجہ رضي الله عنها جي عمر مبارڪ پنج سٺ (٦٥) ورهيہ هئي. سندن جي تدفين جنت المعليٰ مڪي ۾ ٿي.

تدفين وقت رسول الله ﷺ پاڻ لَحدِ پاڪ ۾ لٿا. ۽ امت جي ماءُ، حضرت سيده خديجة الڪبريٰ رضي الله عنها کي الله جي حوالي ڪري ڇڏيو.

# عيدالفطر جو فلسفو

## حافظ شاهد حسين سڪندري

عيدالفطر جو ڏينهن الله تعاليٰ جي طرفان انعام جو ڏينهن آهي ۽ عام معافي جو ڏينهن آهي، مسلمانن لاءِ هي ڏينهن خوشيءَ جو تهوار آهي ۽ الله ڪريم پنهنجي ٻانهن تي راضي ٿي ويندو آهي.

عيد جو ڏينهن، روزن جي مهيني (ماهِ صيام) جي تڪميل تي الله تعاليٰ کان انعام پائڻ جو ڏينهن آهي، تہ ان کان وڌيڪ خوشي ۽ مسرت جو موقعو ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ اها ئي وجهہ آهي تہ امتِ مسلمه ۾ ان ڏينهن کي هڪ خاص مقام ۽ اهميت حاصل آهي. "عيد" جو لفظ "عود" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "موٽڻ"، يعني عيد هر سال موٽي ايندي آهي، ان جي موٽي اچڻ جي خواهش ڪئي ويندي آهي. ۽ "فطر" جي معنيٰ آهي "روزو ٽوڙڻ يا ختم ڪرڻ".

جيئن تہ عيدالفطر جي ڏينهن روزن جو سلسلو ختم ٿيندو آهي ۽ ان ڏينهن الله تعاليٰ ٻانهن کي رمضان جي عبادتن جو ثواب عطا فرمائيندو آهي، تہ انهي نسبت سان هن کي "عيدالفطر" قرار ڏنو ويو.

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مديني وارا ٻہ ڏينهن تهوار طور ملهائيندا هئا ۽ انهن ۾ رانديون ۽ تماشا ڪندا هئا. رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن انهن کان پڇيو تہ "هي ٻہ ڏينهن جيڪي توهان ملهايو ٿا، انهن جي حقيقت ۽ حيثيت ڪهڙي آهي؟" تہ انهن چيو "اسان جاهليت جي زماني ۾ (يعني اسلام کان اڳ) اهي تهوار اهڙي طرح ملهائيندا هئاسين." هي ٻڌي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ارشاد فرمايو "الله تعاليٰ توهان جي انهن ٻنهي تهوارن جي بدلي ۾ انهن کان بهتر ٻہ ڏينهن مقرر فرمائي ڏنا آهن. عيدالاضحيٰ جو ڏينهن ۽ عيدالفطر

جو ڏينهن." (ابو دائود)

نبي ڪريم ﷺ جن عيدن جي موقعي تي شرعي حدن ۾ رهندي خوشيون ملهائڻ جي اجازت ڏيڻ سان گڏ، ٻين کي بہ انهن خوشين ۾ شامل ڪرڻ جي ترغيب ڏني ۽ انهن موقعن تي عبادت جي بہ تاڪيد فرمائي تہ مومن ٻانهو ڪنهن بہ حال ۾ پنهنجي رب کي نٿو وساري. احاديث مبارڪہ ۾ عيد جي رات ۽ عيد جي ڏينهن جي تمام گهڻي فضيلت بيان ڪئي وئي آهي.

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو "جڏهن عيدالفطر جي رات ٿيندي آهي، تہ ان کي آسمانن تي 'ليلة الجائزه' يعني 'انعام واري رات' جي عنوان سان پڪاريو ويندو آهي ۽ جڏهن عيد جي صبح طلوع ٿيندي آهي، تہ حق تعاليٰ جل شانه فرشتن کي تمام بستين ۾ موڪليندو آهي ۽ هو رستن جي ڪنڊن تي بيهي رهندا آهن ۽ اهڙي آواز سان پڪاريندا آهن، جنهن کي جنن ۽ انسانن کان سواءِ هر مخلوق ٻڌندي آهي تہ 'اي امت محمديہ ﷺ! ان ڪريم رب جي بارگاهہ ۾ هلو، جيڪو تمام گهڻو عطا فرمائڻ وارو آهي.' جڏهن ماڻهو عيدگاهہ ڏانهن نڪرندا آهن، تہ الله رب العزت فرشتن کان پڇندو آهي تہ 'ان مزدور جو ڪهڙو بدلو آهي، جيڪو پنهنجو ڪم پورو ڪري چڪو هجي؟' اهي عرض ڪندا آهن 'اي اسان جا معبود! ان جو بدلو اهو ئي آهي تہ کيس مزدوري ۽ اجرت پوري پوري عطا ڪئي وڃي.' تہ الله تعاليٰ فرمائيندو آهي 'اي فرشتو! توهان کي گواهہ بڻايان ٿو تہ مون انهن کي رمضان جي روزن ۽ تراويح جي بدلي ۾ پنهنجي رضا ۽ مغفرت عطا فرمائي ڇڏي' ۽ پوءِ ٻانهن کي ارشاد ٿيندو آهي تہ 'اي منهنجا ٻانها! مون کان گهرو، منهنجي عزت و جلال ۽ بلنديءَ جو قسم! اڄ جي ڏينهن آخرت بابت جيڪو سوال ڪندا، عطا ڪندس.

دنيا بابت جيڪو سوال ڪندا، ان ۾ توهان جي مصلحت تي نظر ڪندس. منهنجي عز و جلال جو قسم! مان توهان ڪي مجرمن ۽ ڪافرن جي سامهون رسوا نہ ڪندس. مان توهان مان راضي ٿي ويس.' " (الترغيب والترهيب)

بيشڪ اهي ماڻهو تمام گھڻا خوش نصيب آهن جن رمضان المبارڪ جو مهينو پاتو ۽ پنهنجي وقت ڪي عبادتن سان روشن رکيو. پورو رمضان الله جي بارگاهہ ۾ مغفرت لاءِ جهولي ڦهلائي رکي. هي عيد اهڙن ئي خوش بخت ماڻهن لاءِ آهي ۽ هاڻي انهن ڪي مزدوري ملڻ جو وقت آهي. پر صحابہ ڪرام ۽ بزرگ سڳورا پنهنجي عبادتن تي فخر ڪرڻ بدران الله تعاليٰ کان قبوليت جون دعائون گهرندا هئا. حضرت علي رضي الله عنه عيد جي مبارڪ ڏيڻ لاءِ ايندڙن ڪي فرمايو "عيد تہ انهن جي آهي، جيڪي آخرت جي عذاب ۽ مرڻ کان پوءِ جي سزا کان نجات پائي چڪا آهن."

ڪيتري افسوس جي ڳالهہ آهي تہ اسان وٽ "چنڊ رات" ڪي هڪ لحاظ کان شرعي پابندين کان فرار جي حيثيت حاصل ٿي وئي آهي، جيتوڻيڪ چنڊ رات ڪي حديث شريف ۾ "ليلة الجائزه" يعني "انعام واري رات" چيو ويو آهي. حضور صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "رمضان المبارڪ جي آخري رات ۾ امت محمديہ جي مغفرت ڪئي ويندي آهي." صحابہ ڪرام عرض ڪيو "يا رسول الله! ڇا اها شبِ قدر آهي؟" پاڻ فرمايائون "نہ. ڪم ڪرڻ واري ڪي مزدوري ان وقت ڏني ويندي آهي جڏهن هو ڪم پورو ڪري وٺندو آهي ۽ اهو آخري رات ۾ پورو ٿئي ٿو، ان ڪري بخشش ٿي ويندي آهي."

(مسند احمد)

جيڪي ماڻهو پوري مقدس مهيني ۾ تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي راهہ تي قائم رهيا، انهن مان بہ ڪيترائي هن رات فضول ڪمن ۾

مشغول ٿي پنهنجي ساري محنت ضايع ڪري ويهندا آهن. اصل ۾ شيطان آزاد ٿيندي ئي الله جي مخلوق کي تقويٰ جي رستي تان هٽائي گناهن ڏانهن مائل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويندو آهي ۽ بدقسمتي سان ڪيترائي ماڻهو ان جي ڄار ۾ ڦاسي پوندا آهن.

نبي ڪريم ﷺ جو ارشاد آهي "جڏهن عيد جو ڏينهن ايندو آهي ته شيطان رڙيون ڪري روئندو آهي، ان جي ناڪامي ۽ روئڻ ڏسي تمام شيطان ان جي چوڌاري گڏ ٿي ويندا آهن ۽ پڇندا آهن ته 'توکي ڪنهن شيءِ غمگين ڪيو؟' شيطان چوندو آهي 'هاءِ افسوس! الله تعاليٰ اڄ جي ڏينهن امت محمديه جي بخشش فرمائي ڇڏي آهي، تنهنڪري توهان انهن کي ٻيهر لذتن ۽ نفساني خواهشن ۾ مشغول ڪري ڇڏيو.' " اسان چنڊ رات بازارن ۽ گوڙ ۾ گذاري ڇڏيندا آهيون، جڏهن ته حديث ۾ ان رات عبادت جي تاڪيد ڪئي وئي آهي.

حضرت ابو امامه رضي الله عنه کان مروي آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو "جيڪو شخص عيدالفطر ۽ عيدالاضحيٰ جي راتين ۾ عبادت جي نيت سان قيام ڪندو، ان جو دل ان ڏينهن به فوت نه ٿيندو جنهن ڏينهن تمام دلون فوت ٿي وينديون."

حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه کي خلافت جي زماني ۾ ماڻهو عيد جي مبارڪ ڏيڻ ويا، ته ڏٺائون ته امير المومنين سڪل روٽي جا ٽڪرا کائي رهيو آهي. ڪنهن چيو "اڄ ته عيد جو ڏينهن آهي؟" هي ٻڌي پاڻ هڪ ٿڌو شوڪارو ڀري فرمايائون "جڏهن دنيا ۾ اهڙا ڪيترائي ماڻهو موجود هجن جن کي هي ٽڪرا به ميسر ناهن، ته اسان کي عيد ملهائڻ جو حق ڪيئن حاصل آهي؟"

روايت آهي ته آقا ﷺ جن عيد جي نماز کان فارغ ٿي واپس وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ پاڻ هڪ ٻار تي نظر پين جيڪو ميدان جي هڪ ڪنڊ ۾ ويٺو روئي رهيو هو. نبي ڪريم ﷺ ان وٽ ويا ۽ پيار

سان ان جي مٿي تي شفقت جو هٿ رکي پڇيائون "ڇو روئي رهيو آهين؟" ٻار چيو "منهنجو پيءُ مري ويو آهي، ماءُ ٻي شادي ڪري ورتي آهي، مٽيلي پيءُ مون کي گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي، مون وٽ کائڻ لاءِ ڪا شيءِ ناهي ۽ نه پائڻ لاءِ ڪپڙا." يتيم جي مددگار ﷺ جن جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا، فرمايائون "جيڪڏهن مان تنهنجو پيءُ، عائشه تنهنجي ماءُ ۽ فاطمه تنهنجي ڀيڻ هجي، ته خوش ٿيندين؟" چوڻ لڳو "يا رسول الله! ان تي مان ڪيئن راضي نه ٿيندس." حضور اڪرم ﷺ ٻار کي گهر وٺي ويا.

صدقه فطر هر صاحبِ استطاعت مسلمان تي واجب آهي، ان باري ۾ حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته "رسول الله ﷺ جن صدقه فطر واجب ڪيو ته جيئن روزو لغو ۽ بيهوده ڳالهين کان پاڪ ٿي وڃي ۽ مسڪينن لاءِ کائڻ جو بندوبست به ٿي وڃي."

ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته بنيادي طور تي صدقه فطر جو فلسفو اهو ئي آهي ته عيدالفطر جي خوشين ۾ غريب مسلمان به مڪمل طور شريڪ ٿي سگهن. اهڙي طرح هڪ ٻي حديث آهي ته "عيدالفطر جي ڏينهن محتاجن کي خوشحال بنائي ڇڏيو." جيتوڻيڪ صدقه فطر ڪڏهن به ڏئي سگهجي ٿو، پر عام طور تي رمضان جي آخري ڏينهن ۾ ادا ڪيو ويندو آهي، جڏهن ته ڪيترائي ماڻهو عيد جي نماز لاءِ ويندي رستي ۾ ويندل فقيرن کي فطرانو ڏيندا ويندا آهن، جيڪو مناسب طريقو ناهي. بهتر اهو ئي آهي ته عيد کان اڳ ئي فطرانو ادا ڪيو وڃي ته جيئن ضرورت مند ماڻهو به عيد جي تياري ڪري سگهن.

حضرت معاذ بن جبل رضي الله عنه کان مروي آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو "جيڪو شخص پنج راتيون عبادت ڪري، ان لاءِ جنت

واجب ٿي وڃي ٿي. اهي راتيون هي آهن: ذوالحج جون ٨، ٩، ١٠ هين راتيون، شبِ برات ۽ عيدالفطر جي رات." (الترغيب والترهيب)

تنهنڪري، اسان کي گهرجي ته ان رات بي مقصد گهمڻ ڦرڻ ۽ گناهه جي ڪمن ۾ گذارڻ بدران نوافل، نمازِ تهجد، تلاوتِ قرآن ۽ ٻين عبادتن ۾ مشغول رهون ته جيئن ان جون برڪتون حاصل ڪري سگهون.

عيد جي هن خوشيءَ جي موقعي تي اسان جو هڪ ڪم هي به هجڻ گهرجي ته پاڙيسرين ۽ مٽن مائٽن تي نظر وجهون ته ڪٿي انهن ۾ ڪو اهڙو ته ناهي، جيڪو پنهنجي غربت ۽ تنگ دستي سبب عيد جي خوشين ۾ شامل ٿيڻ کان محروم هجي. جيڪڏهن ائين آهي، ته يقين ڄاڻو، اسان ڪٽي ڪيترا به سٺا ڪپڙا پائي وٺون، وڏا دسترخوان سجائيون، عيديون ورهائيندا وتون، اسان جي عيد پوءِ به ڦڪي ئي رهندي، بلڪ اهڙي عيد، عيد سڏائڻ جي لائق ئي ناهي جنهن ۾ ٻيا ماڻهو شامل نه هجن. ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته اهڙي خوشيءَ جي موقعي تي اڇي پوش (سفيد پوش) ماڻهن کي ڳولي انهن جي مدد ڪجي ته جيئن هو ۽ سندن خاندان به عيد جي خوشين ۾ شامل ٿي سگهي.

دعا آهي ته مولاءِ ڪريم اسان سڀني کي عيدالفطر جون خوشيون نصيب فرمائي ۽ هن موقعي تي غريب نادارن کي به ياد رکڻ جي توفيق عطا فرمائي. الله ڪريم اسان جي پياري ملڪ پاڪستان کي تمام خطرن کان محفوظ رکي ۽ قيامت جي صبح تائين قائم و دائم رکي. آمين.

# رمضان المبارڪ ۾ قرآن ڪريم

رمضان المبارڪ دوران تلاوتِ قرآن ۽ تراويح ۾ ان جي ٻڌڻ جو معمول هڪ اهڙي روحاني ڪيفيت پيدا ڪري ٿو، جيڪا ٻين مهينن ۾ ميسر ناهي هوندي. سنتِ نبوي ﷺ مان ثابت آهي ته رسول الله ﷺ جن رمضان جي هر رات ۾ حضرت جبرائيل عليہ السلام سان گڏ قرآن جو دور ڪندا هئا، جنهن مان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته هي مهينو تلاوت جي گهڻائي ۽ قرآن سان پنهنجو تعلق مضبوط ڪرڻ جو خاص وقت آهي. اڄ جڏهن اسان تراويح جي نماز ۾ قرآن ٻڌون ٿا، ته اهو اسان جي روح کي تازگي بخشي ٿو ۽ اسان جي ايمان کي تازو ڪري ٿو. پر رمضان جو اصل پيغام اهو آهي ته اسان صرف لفظن جي تلاوت تائين محدود نه رهون، پر قرآن جي پيغام کي سمجهڻ ۽ ان کي پنهنجي عملي زندگيءَ جو حصو بنائڻ جي ڪوشش ڪريون. هي مهينو اسان کي موقعو ڏئي ٿو ته اسان پنهنجي اخلاق، پنهنجي معاملن ۽ پنهنجي سوچ کي قرآن جي قالب ۾ ڍاليو. جيڪڏهن اسان روزي جي حالت ۾ قرآن جي حڪمن تي غور ڪنداسين، ته اسان جي اندر هڪ سچي تبديلي ايندي جيڪا رمضان گذرڻ کان پوءِ به اسان سان گڏ رهندي. تنهنڪري، هر مسلمان کي گهرجي ته هن مهيني ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو مڪمل قرآن ترجمي سان پڙهڻ جي ڪوشش ڪري، ته جيئن ان جي روحاني برڪتن سان گڏ ذهني ۽ فڪري هدايت به حاصل ٿي سگهي، ڇو ته قرآن سان تعلق ئي اسان جي دنياوي ۽ آخري ڪاميابيءَ جي واحد ضمانت آهي..

❁❁❁